اڻ چٽا عڪس

अणचिटा अक्स



مرلي گوونداڻي

मुरली गोविंदाणी



اڻ چٽا عڪس

(غزل)

अणचिटा अक्स

(ग़ज़ल)

مرلي گوونداڻي

मुरली गोविंदाणी

PUBLISHED WITH FINANCIAL HELP OF NATIONAL COUNCIL
PROMOTION OF SINDHI LANGUAGE (NCPSL) VIDE SANCTIO
15-5/NCPSL/2011 DATED 07-09-2011

ڳـ

ي گووندا‌ڻيءَ جو غزلن جو مجموعو ”اڻ ڇتا عڪس“ اوهان جي
آهي. ڇون تہ هاڻي سنڌي ٻوليءَ کي پڙهڻ وارا ڏينهون ڏينهن
ا پيا وڃن. اهڙي وقت هن ڪتاب جي آمد جو سواگت ڪرڻ گهرجي.
ئين مرلي اين. گووندا‌ڻيءَ جا اٺ ڪتاب ڇپجي ظاهر ٿي چڪا آهن
ن ٿي سنڌي شاعريءَ جا ڪتاب ۽ ٽي هندي شاعريءَ جا ڪتاب آهن.
جا بہ ڪتاب سنڌيءَ مان هنديءَ ۾ ترجمو ڪري بہ ڇپايا آهن. ان مان
هي تہ هوُ اَدب لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو ورنا ڇهن سالن ۾ اٺ ڪتاب ڏيڻ
ي.

ي شاعريءَ جي ٽن ڪتابن مان ٻن تي ڪيس گجرات سنڌي ساهتيہ
ءَ پاران انعام بہ ملي چڪا آهن. ان حساب سان ڏسبو تہ هيءَ سنڌي
جٺي ميدان ۾ جهوُنو نہ تہ بہ پلو شاعر ضرور ليکيو ٿو وڃي. حالانڪ هوُ
۾ ٻاهٺ بهارون ڏسي چڪو آهي پر سندس شاعريءَ جو پهريون ڪتاب
جو مرم“ (غزلن جو مجموعو) سال 2005ع ۾ ڇپيو ۽ اُن پهرئين ئي
ي گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ ڪيس انعام عطا ڪيو. ائين ڪيس
صديءَ جي سنڌي غزل گوُ شاعر جو درجو مليو، جنهن ڪري سندس
ي ۽ هن ٻئين سال 2006ع ۾ ٻيو سنڌي شاعريءَ جو ڪتاب ”مهڪيل
الي سان ڇپائي ظاهر ڪيو. ان ۾ هن ڪوتا جي ٻين صنفن کي بہ شامل
اِن ڪتاب تي بہ گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ ڪيس انعام سان

زلن جي مجموعي ”اَڻ ڇتا عڪس“ ۾ 68 غزل شامل ڪيل آهن. اِنهن
مطالع ڪندي مونکي لڳو گووندا‌ڻيءَ ۾ شاعريءَ جا جيوڙا موُجوُد آهن،
ڪري سندس غزلن جو ڪو ڪو بند ايڏو نہ تجليدار آهي جو اڪيون بند
ذهن سوچيندي ڪٿان جو ڪٿي وڃيو پهچي.

پري هوا جي ڪيئن ٻڌي ڪٽبي؟

جٺي ٿو هرڪو فقط پنهنجي لاءِ غزل-35


ن پري ٻڌڻ ممڪن ڪونهي ۽ هِن سنسار جو هرڪو جيوُ فقط پنهنجي لاءِ

ANCHITA AKIS (GHAZALS)

POET : **MURLI N. GOVINDANI**
Address : SAX-34, Adipur 370205 (Kutch) Gujarat
Year : 2011, Copies : 500, Price : 100/-

Gover Design : Mukesh Tilokani, Adipur
Printers : Scan Computers, Ahmedabad.
Mobile : 09327007002 - Phone : 079 - 22836776

Inauguration of Poetry book of Shri Murli Govindani Titled **"UDAM"** by Dr. Kamla Goklani during the occasion of Sindhi Hasya Kavi Samelan at Ahmedabad.



MURLI GOVINDANI Dr. KAMLA GOKLANI Dr. JETHO LALWANI

انڪ کي ضرور ائين لڳندو تہ شاعر صحيح ڳالھ لکي آهي. جڏهن بہ پاڻڪ
عر پڙهندي اِهو لڳي تہ اِهو شعر سندس دل جي ڳالھ ڪري رهيو آهي تہ پوءِ
هو تہ اُهو شعر/ شاعر ڪامياب آهي.

زل جي شعر ۾ ڪا شوخي، ڪوڏنگ نہ آهي تہ اُهو غزل نہ آهي. ٻين لفظن ۾
جي تہ جيڪو غزل دل ۽ دماغ کي نہ ڇُهي، اُهو غزل ڪونهي. غزل جي
بي ئي ان ۾ آهي تہ شعر ٻڌڻ ڪان پوءِ پاڻمرادو مک مان واهہ واهہ نڪري
. هي شعر ڏسو:

ڏکيو آهي سپنن کي آنند سان جوڙڻ،
حقيقت سان ڪر تون نہ ڪا کيچلائي غزل-8

اعر جي دل ڪپهہ جهڙي نرم ٿيندي آهي. کيس خبر هوندي آهي تہ آنند
نا بہ الڳہ الڳہ شيون آهن. سپنن مان ملندڙ آنند ڪن پل جو ٿيندو آهي.
ت جي آڏو اچڻ شرط سپنا لوڙائڻ شروع ڪندا آهن.

اعري شاعر کي آتم سنتوش ڏيندي آهي. شاعر پنهنجي دل جا احساس،
۽ انيوتيون پاٺڪ کي محسوس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پنهنجي
کي پنني تي اُتاري پاڻ کي هلڪو محسوس ڪندو آهي. هوُ اندرين ۽
ن جي ٻوڏ سان رچنا ۾ رس پئدا ڪندو آهي. جنهن ڪري پاٺڪ جو دل وَ
لرزش ۾ اَچي ويندو آهي ۽ سندس مک مان پاڻمرادو واهہ واهہ نڪري
آهي.

دگي هڪ عجيب پرولي هوندي آهي. هر انسان پنهنجي زندگي سماج
ڏ ڪوڙ جي آڏو جهڪي گذاريندو آهي. آدجڳاد ڪان اِئين پيو ٿئي ۽ ٿيندو
، شاعر بہ ائين ڏٺو آهي. تڏهن چوي ٿو:

سچ جا سڀ وڻ سڪي وِيا هِنِ،
ڪوڙ اڳيان سڀ جهڪي وَيا هِنِ، غزل--4

ڪو شاعر پنهنجن اُمنگن، احساسن، جذبن ذريعي پاٺڪ کي گڏ کڻي هلڻ
وت رکندو آهي، کيس متاثر ڪري سگهندو آهي اُهو ئي شاعر ڪامياب
يندو آهي.

ئي جيئندو آهي، اِهو ڪوڙو سچ آهي. اَهڙي طرح شاعر شعر جي ٻن سٽن ۾ معنوي تضاد پيدا ڪيو آهي. جنهن سان شعر جي سونهن نکري بيٺي آهي. تضاد ۽ ٻن سٽن جي هم قافيه بندن ڪي غزل بڻائيندو آهي.

ٻين ڪلائن وانگر شاعري به چوڻ/لکڻ جي هڪ ڪلا آهي. لکڻ جي باري ۾ ڪافڪا جو چوڻ آهي ته لکڻ پرارٿنا جو هڪ قسم آهي. مان ته هوند چوان ته شاعري تپسيا آهي. ڪنهن سنڌي اُستاد شاعر جو چوڻ آهي ته شاعري ايندي ايندي ئي ايندي اُهي لکڻ ۾ پختائي آڻڻ لاءِ مسلسل تپسيا جي ضرورت آهي جهڙيءَ طرح جوڳي جَتِي تپسيا ڪندي پاڻ ۾ گم هوندا آهن، تهڙيءَ طرح شاعر به پاڻ ۾ گم هوندا آهن. شاعري پاڻ سان رهاڻ ئي ته آهي.

جيتري قدر غزل جو سوال آهي ته غزل سنڌي شاعريءَ جي پنهنجي نج سنڌي صنف ڪانهي. اِها سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي دؤر (۱۷۰۰ع کان ۱۷۸۲ع تائين) ۾ ايران جي فارسي ٻوليءَ وٽان سنڌي ٻوليءَ وٽ آئي پر هن وقت سنڌ خواهه هند ۾ سنڌي شاعر گهڻي ۾ گهڻو غزل لکن ٿا. پلا سولو ڪم جو آهي. ٻه سٽون ئي ته لکڻيون آهن، جهٽ غزل جو بند تيار اَهڙا پنج ست بند لکيا ته غزل تيارُ حقيقت ۾ اِئين ڪونهي. مونکي هڪ اردوُ شاعر جو شعر ياد ٿو اَچي (نالو ياد ڪونهيم) چوي ٿو:

ڊُبو ڪي خون ۾ نغما، سنا ڪوئِي بلبل،
گلون ڪا ڪافلا تئيار هئہ، سفر ڪي لئي،
غزل ۾ بندش-و-الفاظ هي نهين ڪافي،
جگر ڪا خوُن ڀي ڪڇ چاهيئي آثر ڪي لئي.

مرلي گووندائيءَ پنهنجن غزلن ۾ پنهنجي جگر جو ڪيترو خون ڏيئي اُنهن ۾ اثر پيدا ڪيو آهي. اِهو اوهان پاڻ پڙهي اَمين ٿيو. لکي ٿو:

آجايو آ ڪکرن مان پاڻِي نپوڙڻ،

ملي وقت کان اڳ نٿو ڪجهه به پائي ... غزل-۲

متئين شعر ۾ ڪکر اُهي ناهي، جيڪي اُفق تان اَچي آسمان تي آوارن وانگر پيا رُلندا آهن. هي زندگيءَ ۾ ملڻ وارا ذرتيءَ جا ڪکر آهن. پاڻڪ جنهن سان چاهي لڳائي، چاڪاڻ ته اِهو شعر پڙهڻ بعد زندگيءَ جي حقيقتن سان ڏوبدو

About the Author Cum Poet

1.	Name	: **Murli Naraindas Govindani,**
2.	Birth Date	: 15-07-1 948 at Ajmer
3.	Parental Native	: Tharushah(Nawabshah Sindh)
4.	Education	: B.A (Hindi Literature) Ratna (Hindi)
5.	Past Service	: Manager - Food Corporation of India
6.	Books Published	: 4 - Sindhi (Poetry) 1 - Sindhi (Short Stories) 2 - Hindi(Poetry) 2 - Hindi (Translation From Sindhi)
7.	Unpublished Books:	2 - Sindhi (Poetry) 1 - Hindi (Translation From Sindhi) Total 9 + 3 = 12
8.	Literary Career	1. 200 Poems Broadcasted on Radio 2. 200 Poems Published in Various Magazi 3. Attended many workshops and Seminars 4. Participated in many Mushaira / Kavi sa 5. Editor :- Hindi Magazine ARCHNA for 6. Editor :- FCI yearly Hindi Magazine for 7. Presently connected with FOLK LORE P of Sindhology Adipur 8.Secretary : LOK SAHITYA PRAKASHA
9.	Awards / Honours	1. Best book award by Gujarat Sindhi Academy RISHTAN JO MARMU and MAHKIYA 2. Honoured by SINDHOLOGY Adipur fo rendered in FOLK LORE collection 3. Honoured by Swami Lilasha Navjavan M Writing of 2 books on Swami Lilashah M
10.	Other Activities / Associated with	: 1. Sindhology Adipur 2. Gandhidham Maitri Mandal Adipur 3. Sindhi Adabi Circle. Adipur 4. Ajanta Sahitiya Sangam. Gandhidham 5. Adipur Sindhi Navjavan Mandal 6. Swami Lilashah Navjavan Mandal, Gan 7. Sindhi Samaj (Kutch) 8. Sindhi Sahitya Kala Sangam. Adipur
11.	Address	: SAX - 34, PO Adipur-370205 (Kutch) (Gu Phone No.02836 - 261150. Mobile : 0989

پنجاهہ ورهين جي عمر کانپوءِ،
آسان ننڊا ٻار وڏا ٿيا هِن غزل--58

هونءَ تہ شاعريءَ ۾ ڪابہ ڳالهہ اڻ ڇيل ڪانہ هوندي آهي. تنهن هوندي بہ هرهڪ شاعر پنهنجي فن ۽ فڪر ذريعي پنهنجي شعرن ۾ نواڻ آڻڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي ۽ ائين پاڻ کي هلڪو محسوس ڪندو رهندو آهي. اِئين گووندانيءَ بہ ڪيو آهي. لکي ٿو،

سياست سان جن لنو لڳائي،
پنهنجن کان سي دوُر ٿِي وَيا غزل-15
يا
شکل موُت جي ڇڏي نہ سگهبي،
سڪو هلندو لڪيل ناڻي غزل-3
يا
ڇو ٿا در پٽيو، بند رهڻ ڏيو،
تکي طوفان ۾ ڏيا ڇاهرندا غزل-49

هر شاعر پنهنجي تڪ تور ڪندو رهندو آهي. گووندانِي بہ ائين ڪندو رهي ٿو. کيس پنهنجين ڪمين جي خبر آهي. تڏهن تہ لکيو اَٿس.

منهنجي سوچ ۾ ئي ڪمي آهي ڪائي،
جو ڏيٺي پوي ٿي شيِنِ کي صفائي غزل-2
يا
سزا لاءِ هردم رهان تيار ٿو مان،
سلي ڪير ڪائي جي منهنجي ڪچائي غزل-2

هن ڪتاب ۾ هر غزل سنڌي لپيءَ سان گڏ ديوناگري لپيءَ ۾ بہ ڏنل آهي جنهن مان نئين ٽهي بہ فائدو وٺي سگهندي، اِها سٺي ڳالهہ آهي.

-کيمن يوُ. موُلاڻي، ڀوپال.

(1)

मिठ मुहिबत जूं पोखियूं ग॒ाल्हियूं,
सिक सुहिबत सां जोड़ियूं ग॒ाल्हियूं।

ख़्वाबनि जे झूले में झुलंदे,
मइ मस्तीअ जूं छेड़ियूं ग॒ाल्हियूं।

छेड़े रूह जी का अमृत ब॒ाणी,
साध संगत सां ओरियूं ग॒ाल्हियूं।

अचो त गडु॒ महफ़िल में वेही,
गीत ग़ज़ल ड॒ाहुं मोड़ियूं ग॒ाल्हियूं।

रिशतनि नातनि खे नाज़ुक ज॒ाणी,
क़दम क़दम ते तोरियूं ग॒ाल्हियूं।

रखी रखी वरी यादि अचनि थियूं,
रुठल यार जूं खोरियूं ग॒ाल्हियूं।

छडे॒ अदावत ऐं सोचु पुराणो,
नएं भाग॒ जूं सोचियूं ग॒ाल्हियूं।

مَنَ مُحبت جون پوکيون ٻالهيون،
سِڪَ مُحبت سان جوڙيون ٻالهيون.

خوابنِ جي جهولي ۾ جُهلندي،
مَئِہ مستيءَ جون ڇيڙيون ٻالهيون.

ڇيڙي روح جي ڪا امرت ٻاٽي،
ساڌ سنگت سان اوريون ٻالهيون.

اَڇو تہ گڏُ محفل ۾ ويهي،
گيت غزل ڏانهن موڙيون ٻالهيون.

رِشتنِ ناتنِ کي نازُڪ ڄاڻي،
قدَم قدَم تي توريون ٻالهيون.

رکي رکي وري ياد اچن ٿيون،
رُٺل يار جون کوريون ٻالهيون.

ڇڏي ادوات ۽ سوچ پُراڻو،
نئين ماڳ جون سوچيون ٻالهيون.

(2)

मुंहिंजे सोच में ई कमी आहे काई,
जो ड्रियणी पवे थी सभन खे सफ़ाई।

सज़ा लाइ हरदम रहां तियार थो मां,
सले केरु काई जे मुंहिंजी कचाई।

मिले क़िस्मत सां थो माण्हूअ जो चोलो,
छा लाइ उमिरि पंहिंजी विञायूं अजाई।

अजायो आ ककरनि मां पाणी निपूड़णु,
मिले वक़्त खां अगु नथो कुझु भी भाई।

रही कीन सघबो हिन जगत में अकेलो,
अचो क़समु खणूं न कयूं कंहिं सां ब्रियाई।

ख़बर नाहे हरको छो उभ ड्रे तके थो,
लगे थो था माणिनि ख़ुदा जी ख़ुदाई।

सूंहं जी तस्वीर कंहिं कढी आ कड्रहिं छा,
इहा त उड्राम आ, न इन में आ सचाई।

(۲)

منهنجي سوچ ۾ ئي ڪمي آهي ڪائي،
جو ڏيٺي پوي تي سڀني کي صفائي.

سزا لاءِ هردم رهان تيار تو مان،
سلي ڪير ڪائي جي منهنجي ڪچائي.

ملي قسمت سان تو ماڻهوءَ جو چولو،
ڇا لاءِ عمر پنهنجي وڃايون اجائي.

اجايو آ ڪڪرن مان پاڻي نپوڙڻ،
ملي وقت ڪان اڳ نتو ڪجهه ٻي پائي.

رهي ڪين سڀو هن جڳت ۾ اڪيلو،
اچو قسم کڻون، نه ڪيون ڪنهن سان ٻيائي.

خبر ناهي هرڪو ڇو اُپ ڏي تڪي تو،
لڳي تو ڏا ماڻن خودا جي خودائي.

سونهن جي تصوير ڪنهن ڪڍي آ ڪڏهن ڇا،
اِها نه اُڏام آ، نه اِن ۾ آ سچائي.

(3)

कंहिंजी केरु थो नस सुञाणे,
हरको हिति पंहिंजी थो ताणे।

शिकिल मौत जी चिटे न सघबी,
सभको हलंदो लिखियल टाणे।

दिलि जा उज़वा दोस्तनि छिलिया,
ज़हरु पीतो ज़ुणु छाणे छाणे।

ॿॿुरनि खां छो ॿेर घुरीं थो,
काणि कढीं थो कंहिंजे काणे।

लुड़िकनि सां गडु राति गुज़ारी,
केरु दिलासा ॾींदो हाणे।

ॾुखियो आ सुपननि सां जुड़िजणु,
पंहिंजी लियाक़त हरको ज़ाणे।

वक़्त जी सुई फिरे फिरे पई,
जंहिं लाइ क़िस्मत सोई माणे।

(٣)

کنهن جي کير تو نَس سجائي،
هرکو هِت پنهنجي تو تائي.

شکل موت جي چِتي نہ سگهبي،
سيکو هلندو لِکيل تائي.

دِل جا عضوا دوستن چِليا،
زهر پيتو جڻ چائي چائي.

ٻَڄَرَنِ کان چو ٻير کُهرين تو،
کاڻ کڍين تو کنهن جي کائي.

لُڙکن سان گڏ رات گذاري،
کير دِلاسا ڏيندو هائي.

ڏُکيو آ سُپنن سان جُڙجڻ،
پنهنجي لِياقت هرکو چائي.

وقت جي سُئي قِري قِري پئي،
جنهن لاءِ قسمت سوئي مائي.

(4)

सच जा सभु वण सुकी विया हिनि,
कूड़ अग़ियां सभु झुकी विया हिनि।

मुंहिंजी ग़ुरबत जी ग़ाल्हि ब॒धी,
दोस्त मुंहिंजा सभु लिकी विया हिनि।

मुंहिंजो सोचु कंहिंखे न वणियो,
मूंखे अकेलो मुकी विया हिनि।

जे सदा खिलनि ऐं खीकारिनि,
से मौतु ड॒िसी डु॒की विया हिनि।

साहित जी सियासत में फासी,
इनाम वठण लाइ सिकी विया हिनि।

के शख़्स वणनि था इएं मूंखे,
से मन मंदर में टिकी पिया हिनि।

शर्म ऐं इज़हार में उलझी,
प्रीत पाइण खे चुकी विया हिनि।

سچ جا سپ وڻ سُڪي ويا هِنِ،
ڪوڙ اڳيان سڀ جُهڪي ويا هِنِ.

منهنجي غُربَت جي ٻالهه ٻُڌي،
دوست منهنجا سڀ لِڪي ويا هِنِ.

منهنجو سوچ ڪنهن کي نه وڻيو،
مونکي اڪيلو مُڪي ويا هِنِ.

جي سدا کِلن ۽ ٽهڪارنِ،
سي موئت ڏِسي ڏڪي ويا هِنِ.

ساهت جي سِياسَت ۾ ڦاسي،
انعام وٺڻ لاءِ سِڪي پيا هِنِ.

کي شخص وڻنِ تا ائين مونکي،
سي من مندر ۾ ٽِڪي پيا هِنِ.

شَرَمَ ۽ اظهار ۾ اُلجهي،
پريت پائڻ کان چُڪي ويا هِنِ.

(5)

घाण घणा आहिनि पुराणा पुराणा,
कीअं उहे भरिबा कयो के पुछाणा।

इएं न थिए सभु नासूर में मटिजनि,
वधी वण थियनि मुंहिंजे मन जा मुंझाणा।

जे मिले को आथतु नेणनि में भरजी,
सुतल सूर दिलि जा लग़नि था उड़ाणा।

तक़दीर पंहिंजी रंगी तुंहिंजे रंग में,
दिलि खे मिलिया ज़िंदगीअ जा पुज़ाणा।

साह खे त सोघो झले थो हिति हरको,
वक़्तु वड़ी शइ आ कयो छो था माणा।

जड़हिं यादि मूंखे वतनु सिंधु अचे थो,
अखियुनि में तरनि था निमाणा अबाणा।

मुंहिंजो प्यारु मूंखा रुठो ई रहे थो,
इहा दिलि लग़ी आ-चवनि था सियाणा।

(۵)

ڳھاوَ ڳھڻا آھنِ پُراڻا پُراڻا،
ڪيئن اُھي پربا ڪيو ڪي پُڇاڻا.

اِئين نہ ڏِئي سپ ناسور ۾ مٿِجن،
وڌي وڻ ٿين منھنجي من جا مُنجھاڻ.

جي ملي ڪو آٿَتُ نيڻن ۾ پرجيِ،
سنڌل سور دل جا لڳن ٿا اُڏاڻا.

تقدير پنھنجي رنگي تنھنجي رنگ ۾،
دِلِ کي مليا زندگيءَ جا پُڇاڻا.

ساھ کي تہ سوگھو جھلي ٿو ھِتِ ھرڪو،
وقتُ وڏي شئہِ آ ڪيو ڇو ٿا ماڻا.

جڏھن ياد مونکي وطنُ سنڌُ اچي ٿو،
اکين ۾ ترنِ ٿا نماڻا اَباڻا.

منھنجو پيار مونکان رُٺو ئي رھي ٿو،
اِھا دل لڳي آ ڇوَن ٿا سِياڻا.

(6)

सुहिणी सूरत नेण बिलोरी,
हरको चाहे नारि सदोरी।

चंड खां हरको सूंहं घुरे थो,
इश्क़ु त आदम जी कमज़ोरी।

सिक जा मोती जेको चुणंदो,
उन जे सिर तां जान बि घोरी।

हिन खे हुन लाइ छिक घणी आ,
जीअं सिके चंड लाइ चकोरी।

मालिक जी जे मर्ज़ी वसंदी,
मिलंदा मोती भरे टिजोड़ी।

मौत जी घंटी बुधी लिकनि था,
माण्हूं तोड़े भूत अघोरी।

पाछे पुठियां उहे भज़नि था,
जेके आहिनि निपट निदोरी।

سُهڻي صورت نيڻ ٻلوري،
هرڪو چاهي نارِ سدوري.

چنڊ کان هرڪو سونهن گهري ٿو،
عِشقُ نہ آدم جي ڪمزوري.

سڪ جا موتي جيڪو چُڻندو،
اُن جي سِرَ تان جان بہ گهوري.

هِن کي هُنَ لاءِ چِڪ گهڻي آ،
جيئن سِڪي چنڊ لاءِ چڪوري.

مالڪ جي جي مرضي وسندي،
ملندا موتي ڀري ڇَجوڙي.

موٽ جي گهنٽي ٻُڌي لِکنِ ٿا،
ماڻهون توڙي ڀوت اگهوري.

پاڇي پنيان اُهي ڀڄن ٿا،
جيڪي آهن نِپٽ نِدوري.

(7)

खिलंदे खिलंदे सहूं था डुखाणा नवां नवां,
हलंदे हलंदे ब्रुधूं था फ़साना नवां नवां।

मंज़िल डांहुं वधण लाइ को हिमथाए त सहीं,
न त त, न वञण जा थींदा बहाना नवां नवां।

शिकिल शबी, रंगु रूप त उहो ई रहणोआहे,
त बि बि वर वर डिसूं था आईना नवां नवां।

ख़बर हूंदे बि त मालिकु ख़ुद में समाइलु आ,
पोइ बि भेटियूं पिया था टिकाणा नवां नवां।

हू त नंडिढ़ो ब्रालक आ, हुन जो कहिड़ो डोहु,
हुन खे त भजिणा आहिनि खेलूणा नवां नवां।

कुंवारे हूंदे गडियलु कुटुंबु ज़णु सुर्ग थो लगे,
परिणे बैदि ग़ोल्हे थो ठिकाणा नवां नवां।

वक़्तु वस में करण लाइ वक़्त पुठियां भज़ूं था,
वक़्तु झटण लाइ कयूं था पुछ्राणा नवां नवां।

(٧)

ڪِلنديِ ڪِلنديِ سهون ٿا ڏُکاٽا نوان نوان،
هلندي هلندي ٻُڌون ٿا فسانا نوان نوان.

منزل ڏانهن وڌڻ لاءِ ڪو هِمٿائي تہ سهين،
نہ تہ تہ، نہ وڃڻ جا ٿيندا بهانا نوان نوان.

شڪل شبي ساڳي رنگہ روپ تہ اُهو ئي رهٽو آ،
تہ بہ بِہ، وَرَ وَرَ ڏسون ٿا آئينا نوان نوان.

خبر هوندي بہ تہ مالڪ خود ۾ سمايل آ،
پوءِ بہ پيٽيون پيا ٿا نِڪاٽا نوان نوان.

هوتہ ننڍڙو ٻالڪ آ هُنَ جو کهڙو ڏوھ،
هُن کي تہ پڇٽا آهِنِ کيلوٽا نوان نوان.

ڪنواري هوندي گڏيل ڪتنب چڙ سرڳہ ٿي لڳو،
پرڻئي بعد ڳولهي ٿو نِڪاٽا نوان نوان.

وقُت وَسَ ۾ ڪرڻ لاءِ وقت پنيان پڇون ٿا،
وقُت جهتڻ لاءِ ڪيون ٿا پُڇاٽا نوان نوان.

(8)

नज़रूं फेराए न कयो बेवफ़ाई,
अञा त जवान आ चंड जी रोशनाई।

बिना मोकलाए हलिया छो वञो था,
असां त तव्हां लाइ ज़िंदगी आ विञाई।

मुंदुनि जा मज़ा मनु मोहींदा रहनि था,
बरसाती फुड़ा कनि था कितकिताई।

डुखियो आ सपननि खे आन्नद सां जोड़णु,
हक़ीक़ी हालतुनि सां न कयो खेचलाई।

ज़माने जो चरख़ो हर ड॒स ड॒ाहुं हले थो,
वक़्त जी चालि में न थींदी घटि वधाई।

बेरहम आ दुनिया न कंदी कंहिंखे माफ़ु,
न ख़ता ई थिये न कंहिं सां चिलविलाई।

रिश्तनि जी नज़ाकत संभाले निभायो,
इएं न थिये जग॒ में थियेव खिलखिलाई।

(۸)

نظرون ڦيرائي نہ ڪيو بيوفائي،
اجا تہ جوانَ آ چنڊ جي روشنائي.

بنا موڪلائي هليا چو وڃو ٿا،
اَسان تہ توهان لاءِ زندگي آ وڃائي.

مُنڊُنِ جا مزا مَنُ موهيندا رهن ٿا،
برساتي ڦُڙا ڪنِ ٿا ڪِنڪِنائي.

ڏُکيو آ سپنن کي آنند سان جوڙڻ،
حقيقي حالتن سان نہ ڪيو ڪيچلائي.

زماني جو چرخو هر ڏس ڏانهن هلي ٿو،
وقت جي چال ۾ نہ ٿيندي گهٽِ وڌائي.

بيرحم آ دُنيا نہ ڪندي ڪنهن کي معاف،
نہ خطا ئي ٿئي نہ ڪنهن سان چِلولائي.

رشتن جي نزاڪت سنڀالي نڀايو،
ائين نہ ٿئي جڳ ۾ ٿئيوَ کِلکِلائي.

(9)

पंहिंजो पंहिंजो नसीबु आहे,
को अमीर को ग़रीबु आहे।

कंहिंखे चाढ़े कंहिंखे मारे,
वक़्त जो चरख़ो अजीबु आहे।

को ज़िंदगीअ जी माणे मस्ती,
त को मौत जे करीबु आहे।

कंहिंजे मर्ज़ जी दवा कीअं कंदो,
हू त काल जो तबीबु आहे।

हुन खां यार जो ॾसु कीअं पुछां,
जेको इश्क़ में रक़ीबु आहे।

जो थिए थो हलालु प्रीत में,
हुन जो इलाज हबीबु आहे।

साहित जी हर शाख़ खां वाक़ुफ़,
हू हिकु नामी अदीबु आहे।

(٩)

پنھنجو پنھنجو نصيب آھي،
ڪو امير ڪو غريب آھي.

ڪنھن کي چاڙھي ڪنھن کي ماري،
وقت جو چرخو عجيبُ آھي.

ڪو زندگيءَ جي ماڻي مستي،
تہ ڪو موت جي قريبُ آھي.

ڪنھن جي مرض جي دوا ڪيئن ڪندو،
ھوُ تہ ڪال جو طبيبُ آھي.

ھُنَ کان يار جو ڏسُ ڪيئن پڇان،
جيڪو عِشق ۾ رقيبُ آھي.

جو ٿئي ٿو حلال پريت ۾،
ھُنَ جو عِلاج حبيبُ آھي.

ساھت جي ھر شاخ کان واقف،
ھوُ ھڪ نامي اديبُ آھي.

(10)

कंहिंजे चवण ते पाणु लुटाए त ड्रिसु,
प्रीत जे पिड़ में दाउ लग़ाए त ड्रिसु।

हेड्री ज़ुमार अलाए कीअं कटिजंदी,
फ़ैसला भाग़ु जा मिटाए त ड्रिसु।

जग़ु में सिर्फ ग़मनि जी भरमार आ,
कंडनि जे माग़ु ते गुल विछाए त ड्रिसु।

सनीहो मिलियो आ यार जे अचण जो,
संदसि पसंद ते घरु सज़ो सजाए त ड्रिसु।

केड्रो न मज़ो आ तुंहिंजे इन्तज़ार में,
निंड नेणे लुछंदे फ़िटाए त ड्रिसु।

शांतीअ ख़ातिर रिश्तनि जो मोहु छड्रे,
सबक़ सिक जा रूह में हंडाए त ड्रिसु।

प्रीत में छा जी पुछा कहिड़ी इच्छा,
सभु कुझु भुलजी यार में समाए त ड्रिसु।

ڪنهن جي چوڻ تي پاڻ لُٽائي تہ ڏِسُ،
پريت جي پڙ ۾ داءُ لڳائي تہ ڏِسُ.

هيڏي جماز الائي ڪيئن ڪتجندي،
فيصِلا ياڳہ جا مِٽائي تہ ڏِسُ.

جڳہ ۾ صرف غمن جي يرمار آ،
ڪندنِ جي ماڳہ تي گُل وڇائي تہ ڏِسُ.

سنيهو مليو آ يار جي اچڻ جو،
سندس پسند تي گهر سجو سجائي تہ ڏِسُ.

ڪيڏو نہ مزو آ تنهنجي انتظار ۾،
ننڊ نيٽي، لُڇندي ڦٽائي تہ ڏِسُ.

شانتيءَ خاطر رِشتنِ جو موه ڇڏي،
سبق سِڪ جا روه ۾ هنڊائي تہ ڏِسُ.

پريت ۾ ڇا جي پُڇا، ڪهڙي اِڇا،
سڀ ڪجھ پلجي يار ۾ سمائي تہ ڏِسُ.

(11)

छो था कंहिं लाइ रखो रंजु दिलि में,
सभ जे मन में भरियो रंगु दिलि में।

मिठड़े मालिक जी त महर घुरजे,
उन साईंअ जो विहारि नंगु दिलि में।

शल मिठ मुहिबत सां ज़िंदगी कटजे,
सुख सबुर जो पोखियो अंगु दिलि में।

छडे वेढ़ वेढ़ाह जूं ग़ाल्हियूं,
कयो चङनि दोस्तनि जो संगु दिलि में।

रूह खे राहत जी जे घुरिज थव,
त मिठी कशिश सां चोरि चंगु दिलि में।

पुठते न वरु नज़र सिर्फ़ अग़ियां हुजे,
धारि अग़ते वधण जी जंग दिलि में।

मौत खां न डिज़ो, ज़िंदगीअ लाइ लड़ो,
रखो जीअण जी उमंग दिलि में।

(۱۱)

چو ٽا ڪنهن لاءِ رکو رنجُ دِلِ ۾،
سڀ جي من ۾ پريو رنگُ دِلِ ۾.

منڙي مالڪ جي تہ مهر گهرجي،
اُن سائينءَ جو وِهار ننگُ دِلِ ۾.

شل مِٽ مُحبت سان زندگي ڪٽجي،
سڪ صبُر جو پوکيو انگُ دِلِ ۾.

ڇڏي ويڙه ويڙاه جون ڳالهيون،
ڪيو ڇڱن دوستن جو سنگُ دِلِ ۾.

روه ڪي راحت جيِ جي گُهرج ٿوَ،
تہ مني ڪشِش سان چورِ چنگُ دِلِ ۾.

پنتي نہ وَرُ، نظر صرف اڳيان هجي،
ڏار اڳتي وڌڻ جي جنگِ دِلِ ۾.

موٗت کان نہ ڊڃو، زندگيءَ لاءِ لڙو،
رکو جيئڻ جي اُمنگ دِلِ ۾.

(12)

जेके मूंखे डींदा लुड़िक,
से मूंखां पाईंदा मुरिक।

मूंखे समुझण लाइ अची ड्रिसु,
खोले मुंहिंजे दिल जा वरिक़।

मालिक घड़िया सभु हिक जहिड़ा,
हिन में हुन में कहिड़ा फ़रिक़।

दिलि जा बूटा सावा रहंदा,
तडहिं गुलनि मां ईंदी महिक।

जिनि खे नाणो ज़रु ज़ेवरात,
से था ड्रियनि हीणनि ते टहिक।

दिलि अंदर जे घाव रुझल थव,
कीअं चपनि ते ईंदव चहिक।

तन खे गंगाजल सां धोई,
ढोंगी लगाइनि लम्बा तिलिक।

جيڪي مونکي ڏيندا لُڙڪ،
سي مونکان پائيندا مُرڪ.

مونکي سمجهڻ لاءِ اچي ڏِسُ،
کولي منهنجي دل جا ورق.

مالڪ گهڙيا سڀ هڪ جهڙا،
هِنَ ۾ هُنَ ۾ ڪهڙا فرِق.

دل جا ٻوٽا ساوا رهندا،
تڏهن گُلن مان ايندي مهِڪ.

جِنِ کي ناڻو زَرُ زيورات،
سي تا ڏين هيٺن تي ٺهِڪ.

دل اندر جي گهاوَ رُجهل توَ،
ڪينئن چپن تي ايندوَ چمِڪ.

تَنَ کي گنگا جل سان ڌوئي،
ڍونگي لڳائنِ لنبا تِلڪ.

(13)

संसार जे समर में पाणु भुलाइ त मज़ो आ,
रिश्तनि जे सफ़र में साथु निभाइ त मज़ो आ।

इएं न सोच तुंहिंजे चाहिण ते हरको हले,
ब्रियनि जे इशारनि ते पाणु हलाइ त मज़ो आ।

ॿाहि मन में ॿारे केसिताईं जी सघबो,
प्यार सां जॻु सॼो रोशन बणाइ त मज़ो आ।

पंहिंजे ज़ख़्मनि जी नुमाइश ते माण्हू खिलंदा,
ग़मनि जी महिफ़िल में लुड़िक लिकाइ त मज़ो आ।

दुनिया त साॻी आ, सोचु बदिलिजी चुको आ,
पंहिंजे सोच में नओं रंगु मिलाइ त मज़ो आ।

जंहिं वक़्त सडु थींदो सभ खे हलणो ई पवंदो,
मौतु भुलजी ज़िंदगीअ खे सजाइ त मज़ो आ।

पथर ब्रियनि ते उछलियूं अजायो आ सोचणु,
दुश्मननि जी राह ते गुल विछाइ त मज़ो आ।

سنسار جي سمر ۾ پاڻُ ڀُلاءِ تہ مزو آ،
رشتن جي سفر ۾ ساٿ نڀاءِ تہ مزو آ.

ائين نہ سوچ تنهنجي چاهڻ تي هرڪو هلي،
ٻين جي اِشارنِ تي پاڻُ هلاءِ تہ مزو آ.

باه من جي ٻاري ڪيستائين جي سگهبو،
پيار سان جڳہ سڄو روشن ٻڻاءِ تہ مزو آ.

پنهنجي زخمن جي نُمائش تي ماڻهون کِلندا،
غمن جي محفل ۾ لُڙڪ لِڪاءِ تہ مزو آ.

دنيا تہ ساڳي آ سوچ بدلجي چُڪو آ،
پنهنجي سوچ ۾ نئون رنگُہ مِلاءِ تہ مزو آ.

جنهن وقت سڏُ ٿيندو سڀ ڪي هلڻو ئي پوَندو،
موُت پلجي زندگيءَ کي سجاءِ تہ مزو آ.

پٿر ٻين تي اُڇليون اجايو آ سوچڻ،
دشمننِ جي راه تي گُل وڇاءِ تہ مزو آ.

(14)

हली अचु हाणे हथ जोड़े रखिया हिनि,
अची ॾे माफ़ी शक टोड़े रखिया हिनि।

ॾिठी वाट दर ते अखि खुपाए खुपाए,
अची ॾे दर्शनु, दर खोले रखिया हिनि।

सजायो आ घरु तुंहिंजी हिक हिक शइ सां,
पुराणा सभु ख़तु-पत सहिड़े रखिया हिनि।

मुंद मुंद खां अथमि हिकु ई बस इन्तज़ार,
मिलण टाणे लुड़िक कुझु मेड़े रखिया हिनि।

आस हिक दिलि में, तुंहिंजे मिलण जी आ,
उमेदिनि जा दामन ओड़े रखिया हिनि।

तुंहिंजे ख़ातिर, सभु सहसाए छॾियो मूं,
लॻाइ न देर नेण निचोड़े रखिया हिनि।

हेॾे चए बैदि जे वापसि न वरंदे,
मौत ॾांहुं क़दम मूं मोड़े रखिया हिनि।

هلي اچ هاٿي هٿ جوڙي رکيا هِنِ،
اچي ڏي معافي شڪ ٽوڙي رکيا هِنِ.

ڏني واٽ در تي اَکِ کُپائي کُپائي،
اچي ڏي درشن دَرَ کولي رکيا هِنِ.

سجايو آ گهرُ تنهنجي هڪ هڪ شئِ سان،
پُراڻا سَپ خط پَتَ سهيڙي رکيا هِنِ.

مُند مُندَ کان اتمِ هڪُ ئي بَسِ انتظار،
ملڻ ناڻي لُڙڪ ڪُجُهه ميڙي رکيا هِنِ.

آس هڪ دل ۾، تنهنجي ملڻ جي آ،
اُميدن جا دامن اوڙي رکيا هِنِ.

تنهنجي خاطر سڀ سهسائي ڇڏيو مون،
لڳاءِ نہ دير نيڻ نچوڙي رکيا هِنِ.

هيڏي ڇئي بعَدِ جي واپس نہ ورنديِن،
موٽ، ڏانهن قدم مون موڙي رکيا هِنِ.

(15)

सूर सभु नासूर थी विया,
तो डिठो काफ़ूर थी विया।

तो जो हथ सां जामु भरियो,
सभु नशे में चूर थी विया।

जिनि जिनि चपनि ते चाह भरी,
से नेणनि जो नूरु थी विया।

इश्क़ जी जिनि खे तात लगी,
लुछण लाइ मजबूर थी विया।

सियासत सां जिनि लिंव लगाई,
पंहिंजनि खां से दूर थी विया।

जिनि सां थोड़ो क़ुर्बु कयो मूं,
से मन के मंज़ूर थी विया।

झोली जिनि जी भरी पुटनि सां,
रिश्ते वक़्त मग़रूर थी विया।

(١٥)

سور سڀ ناسور تي ويا،
تو ڏنو ڪافور تي ويا.

تو جو هٿ سان جام پريو،
سڀ نشي ۾ چوُر تي ويا.

جِن جِن چپن تي چاه پري،
سي نيڻنِ جو نور تي ويا.

عشق جي جِن کي تاتِ لڳي،
لُچڻ لاءِ مجبور تي ويا.

سياست سان جِنِ لنوَ لڳائي،
پنهنجنِ کان سي دور تيِ ويا.

جِن سان تورو قُرب ڪيو مون،
سي من کي منظور تي ويا.

جهولي جِنِ جي پري پُٽَنِ سان،
رِشتي وقت مغرور تي ويا.

(16)

घुमी वियो ज़ुणु कालु गर्मीअ में,
कंहिं सां ओरियूं हालु गर्मीअ में।

हरको पाण परेशान आहे,
हिक ब्रिए खां बेहालु गर्मीअ में।

खूह-नदियूं सभु सुकल ख़ाली,
पाणीअ जो अकालु गर्मीअ में।

उस तिखेरी मथो फिरे थो,
चहिरो बणियो लालु गर्मीअ में।

रस्ता घिटियूं बिना माण्हुनि जे,
अज़ख़ुद ज़ुणु हड़ताल गर्मीअ में।

झर झंगल में गाहु सुकी वियो,
उञारो थियो मालु गर्मीअ में।

आइस्क्रीम ते मारो आहे,
शरबत वारा निहालु गर्मीअ में।

ڳُهمي ويو چڱ ڪال گرميءَ ۾،
ڪنهن سان اوريون حال گرميءَ ۾.

هرڪو پاڻ پريشان آهي،
هڪ ٻئي ڪان بيحال گرميءَ ۾.

ڪُوهه نديون سڀ سُڪل خالي،
پاڻيءَ جو اَڪال گرميءَ ۾.

اُس تڪيري متو ڦري تو،
چهرو ٻڻيو لعل گرميءَ ۾.

رستا گهِٽيون بنا ماڻهنِ جي،
ازخود چڱ هڙتال گرميءَ ۾.

جهر جهنگل ۾ گاهه سُڪي ويو،
اُجارو ٿيو مالُ گرميءَ ۾.

آئيسڪريم ئي مارو آهي،
شربت وارا نِهال گرميءَ ۾.

(17)

याद नंढिपणु जो मिले थो त ख़ुश थियां थो,
रागु मुंहिंजो को सुणे थो त ख़ुश थियां थो।

वरहय गुज़िरिया सिंधु जी यादि नथी विसरे,
को ख़बर सिंधु जी डि॒ये थो त ख़ुश थियां थो।

हरको पंहिंजे पाण में ई मश्ग़ूल आ,
सडु॒ डि॒यण ते को मुड़े थो त ख़ुश थियां थो।

कएं ककर कारा भूरा हलंदा अचनि था,
महर संदो मींहु वसे थो त ख़ुश थियां थो।

मिलण टाणे मन में ताण त रहे ई थी,
पोइ बि को नींहुं निभाए थो त ख़ुश थियां थो।

के माण्हू सोचिनि कुझु, चवनि कुझु, कनि कुझु था,
उन्हनि खां को अलगु॒ डि॒सां थो त ख़ुश थियां थो।

ही डि॒सु, हू डि॒सु हरको लेट लतीफ़ आहे,
को वक़्त जो क़दुर करे थो त ख़ुश थियां थो।

يار ننڊپڻ جو مِلي ٿو ته خوش ٿيا ٿو،
راڳ منهنجو ڪو ٻُڌي ٿو ته خوش ٿيان ٿو.

ورهيه گذريا سِنڌُ جي ياد نه ٿي وسري،
ڪو خبر سنڌُ جي ڏِيي ٿو ته خوش ٿيان ٿو.

هرڪو پنهنجو پاڻ ۾ مشغول آ،
سڌ ڏيڻ تي ڪو مُڙي ٿو ته خوش ٿيان ٿو.

ڪَئين ڪڪر ڪارا، پورا هلندا اَچِن ٿا،
مهر سندو مينهُن وسي ٿو ته خوش ٿيان ٿو.

ملڻ ڏاڍي من ۾ ڏاڻ نه رهي ئي ٿي،
پوءِ به ڪو نيڻهن نِيائي ٿو ته خوش ٿيان ٿو.

ڪي ماڻهون سوچِن ڪُجهه، چوَن ڪُجهه، ڪن ڪُجهه ٿا،
اُنهن کان ڪو اَلڳ ڏِسان ٿو ته خوش ٿيان ٿو.

هي ڏِسُ، هو ڏِسُ، هرڪو ليٽ لطيف آهي،
ڪو وقت جو قدُرُ ڪري ٿو ته خوش ٿيان ٿو.

(18)

अलाए घणा भेरा मौत खे खटियो आ,
जो लिखियलु न हो लेख में सो बि झटियो आ।

दाओ थे कयो मूं जहिड़ो को ब्रियो नाहे,
पर मन जो मुखोटो हर महिल मटिया आ।

अजु हरको थो हर ग़ाल्हि ते पाणु पड्डाए,
चोरनि मथां मोर को कंहिंखां न घटियो आ।

मूं चाहियो मुलुकु सज्रो मिठ माठ में रहे,
पर हिक धर्म ई हर माण्हूअ खे कटियो आ।

इन्तज़ार जी अखिब्रूट में उमिरि गुज़री आ,
तोखे समुझण लाइ सभ सां ग़मु वटियो आ।

मां उहो नाहियां जंहिंखे प्रीत रास आई,
मूं त नींहं जे सूरनि जो सबकु रटियो आ।

प्रीत जी पुज्राणी नसीब वारा था माणिन,
जे फ़िटलु आ भागु तिनि खे हर कंहिं लुटियो आ।

الائي گهڻا ڀيرا موٽ کي ڪٽيو آ،
جو لِکيل نہ هو ليکہ ۾ سو بہ جهٽيو آ.

دائو تي ڪيو مون جهڙو کو بيو ناهي،
پر من جو مُکوٽو هر مهل مٽيو آ.

اڄ هرڪو تو هر ڳالهہ تي پاڻ پڏائي،
چورنِ مٽان مور کو ڪنهن ڪان نہ گهٽيو آ.

مون چاهيو مُلڪ سڄو مِٽ مان ۾ رهي،
پر هڪ ڌرم ئي هر ماڻهوءَ کي ڪٽيو آ.

انتظار جي اڪ بوٽ ۾ عمر گذاري آ،
توکي سمُجهڻ لاءِ سڀ سان غمُ وٽيو آ.

مان اُهو ناهيان جنهن کي پريت راس آئي،
مون نہ نينهن جي سورن جو سبق رٽيو آ.

پريت جي پڇاڙي نصيب وارا تا ماڻِن،
جي قتل اَيا بُہ تِنِ کي هرڪنهن لُٽيو آ.

(19)

पीए थो राति ड्रींहं जाम मथां जाम चाढ़े,
लगे थो अथसि मरणो जिगर दिलि जान साड़े।

न कंहिंजी बुधे थो न अथसि का परवाह ई,
नथी मिलेसि मइ त पीए थो पालिश फाड़े।

विकयाईं महल जहिड़ी जाइ शराब ख़ातिर,
हाणे रहंदो आ जाइ नंढी वठी माड़े।

न अथसि को होशु थाब्रिड़िजे थो हिते हुते,
समझाए थकिया, कया हथ मथे सज़े पाड़े।

डपु लग़ंदो आ, नशे में ड्रिये न मथां टिपो,
चढ़ी वेंदो आ जड्हिं जाइ जे मथ्यें भाड़े।

आदत खां मजबूर अकेलो कीन को पीए,
हूंदा अथसि गडु लूखा संदसि बोतल ताड़े।

जे कंहिं महिल हू थी पवे थो सफ़ा अकेलो,
रखे थो भरे ब्रियो जामु ख़ुदा जे लाड़े।

پيئي ٽو رات ڏينهن جام مٿان جام چاڙهي،
لڳي ٿو اٿس مرڻو جِگر دِلِ جان ساڙي.

نہ ڪنهن جي ٻُڌي ٿو نہ اٿس ڪا پرواه ئي،
نڪي مليس مَئِہ تہ پيئي ٿو پالِش ڦاڙي.

وڪيائين محل جهڙي جاءِ شراب خاطر،
هاڻي رهندو آ جاءِ ننڍي وٺي ڀاڙي.

نہ اَٿس ڪو هوشُ، تابڙجي ٿو هِتي هُتي،
سمجهائي ٿَڪيا، ڪيا هٿ مٿي سڄي پاڙي.

ڏَپُ لڳندو آ نشي ۾ ڏيي نہ مٿان ٽپو،
چڙهي ويندو آ جڏهن جاءِ جي مٿئين ماڙي.

عادت کان مجبور اڪيلو ڪين ڪو پيئي،
هوندا اٿس گڏُ لوڪا سندس بوتل تاڙي.

جي ڪنهن مهِل هو ٿي پوي ٿو صفا اڪيلو،
رکي ٿو يري ٻيو جامُ خودا جي لاڙي.

(20)

चांहि चूचड़ी पीआरे वईअ,
पेट में बाहि ॿारे वईअ।

खाराए रातोकी मानी,
हाज़मो मुंहिंजो खारे वईअ।

ॿोड़ पुलाउ त कीन घुरियो हो,
पोइ बि खिचणी साड़े वईअ।

ॼाणी थी शाइरु मां मिस्कीन,
ख़ाली ख़ीसा झाड़े वईअ।

शाइर जो धर्मु पालण ॾीं हा,
बिना ॿुधण जे टारे वईअ।

बिना ग़ालिह जे घरु छॾियुइ जो,
ॼणु त जीअरे मारे वईअ।

वेंदें वेंदें वेलु कयुइ जो,
मुंहिंजो वजूद नकारे वईअ।

(٢٠)

چانھہ چو چڙي پيئاري وئين ٤،
پيٽ ۾ ٻاھ ٻاري وئين ٤.

ڪارائي راتوڪي ماني،
ھاضمو منھنجو ڪاري وئين ٤.

ٻوڙ پُلاءُ تہ ڪين ڳُھريو ھو،
پوءِ بہ ڪِچڙي ساڙي وئين ٤.

چاٽين ٿي شاعِر مان مِسڪين،
خالي خيسا جھاڙي وئين ٤.

شاعِر جو ڏرم پالڻ ڏين ھا،
بنا ٻُڌڻ جي ٽاري وئين ٤.

بِنا ڳالھہ جي ڳھرُ چڏيئہ جو،
جِڻ تہ جيئري ماري وئين ٤.

ويندي ويندي وَئِلُ ڪيئہ جو،
مِنھنجو وجود نھاري وئين ٤.

(21)

सिंधी सुहिणा सुठा आहिनि,
ग॒ाल्हि ब॒ोलि में मिठा आहिनि।

उजरो पहिरणु चिटो चेहिरो,
सांतीका ऐं निहठा आहिनि।

जग॒ में नामी तेज़ तिखेरा,
वणुज वापार में पठा आहिनि।

मुल्कु छड॒े सिंध देश खां आया,
पंहिंजे पेरे बीठा आहिनि।

ख़ीरु खंडु थी हर सूबे में,
शान मान सां वेठा आहिनि।

भाषा जे नाले ते हिकदम,
थींदा रहंदा कठा आहिनि।

ब॒ियनि अग॒ियां हथ फहलाइन,
कीन सिंधी से ड॒िठा आहिनि।

(٢١)

سِنڌي سُهڻا سُٺا آهن،
ڳالهه ٻولهه ۾ مِٺا آهن.

اُجرو پهرڻ ڇِٽو ڇِهرو،
ساڻٽيڪا ۽ نهٺا آهن.

جڳهه ۾ نامي تيز تکيرا،
وڻج واپار ۾ پڪا آهن.

ملڪ ڇڏي سِنڌ ديش کان آيا،
پنهنجي پيري بيٺا آهن.

کير کنڊ تي هر صوبي ۾،
شان مان سان ويٺا آهن.

ياشا جي نالي تي هڪدم،
تيندا رهندا کٺا آهن.

ٻين اڳيان هٿ ڦهلائِن،
ڪين سِنڌي سي ڏِٺا آهن.

(22)

मुर्क तोखां सवाइ, चपनि में बंद आ,
आहिनि नेण भिनल, लिडनि में कंबु आ।

सूर सदमा सठा, कीन वरिया मिठा,
नींहं जे अणसिधे, दग॒नि ते धुंध आ।

सिक तो में वधे, मूं पुछाणा कया,
सभु अजाया विया, दिलिनि में मुंझु आ।

रोशनी जो छणी मुख तुंहिंजे मथां,
नेण बू॒टिया लग॒ो हथनि में चंडु आ।

सुख ग॒ोल्हिया घणा वक़्त जे खूह मां,
मस मस त मिलियो चङनि जो संगु आ।

(23)

सूंहं वारनि जी फ़ितिरत त नाहे लिकल,
नींहं में निंड ऐं फ़रहत त आहे फिटल।

सूर सदमा सही केतरो को जीए,
अखिड़ियुनि लेखे उलफ़त त आहे भिनल।

रिश्तनि जी आह ऐं बिरह जी बाहि में,
क़ुर्ब वारनि जी क़ुरबत त आहे कुठल।

इश्क़ जी राह में कष्टनि जी क़तार आ,
मिलण जो डु॒स में क़िस्मत आहे रुठल।

इहा रीति कहिड़ी कंहिं उल्फ़त में ठाही,
दिलि त मुंहिंजी छो ब्रि॒यनि सां आहे ब॒धल।

(۲۲)

مُرڪ توڪان سواءِ چپن ۾ بند آ،
آهن نيڻ پنل لڙڪن ۾ ڪنبُ آ.

سور سدما سڏا ڪين وريا مِٺا،
نينهن جي اٽڪڙي دڳن تي ڏنڊ آ.

سڪ تو ۾ وڏي مون پچاڻا ڪيا،
سَپُ اجايا ويا دلين ۾ مُنجهُہ آ.

روشني جو چٽي مُکَہ تنهنجي مٿان،
نيڻ پوتيا لڳو هٿن ۾ چنڊُ آ.

سُکَہ ڳولهيا گهڻا وقت جي کوہ مان،
مَس مَس تہ مليو چڱن جو سنگُہ آ.

(۲۳)

سونهن وارن جي فطرت تہ ناهي لِکَل،
نينهن ۾ ننڊ ۽ فرحت تہ آهي قِتَل.

سور صدما سهي ڪيترو ڪو جيئي،
اکڙين ليکي اُلفت تہ آهي پِنَل.

رشتن جي آهہ ۽ برہ جي باهہ ۾،
قُرب وارن جي قربن تي آهي ڪُنل.

عشق جي راہ ۾ ڪشتن جي قطار آ،
ملڻ جي ڏس ۾ قِسمت تہ آهي رُنل.

اِها ريت کهڙي ڪنهن اُلفت ۾ ناهي،
دل تہ منهنجي چو ٻين سان آهي ٻڌَلَ.

(24)

ड्रेहां ड्रूर आ मंज़िल, त छा थो करे सघजे,
जे ख़ाली आ महिफ़िल, त छा थो करे सघजे।

पढ़ायो हो सबकु सभ खे दिलि जे किताब जो,
हुआ निंड में ग़ाफ़िल, त छा थो करे सघजे।

कूड़नि जी दरबार में सचनि खे कोठ मिली,
पर को बि थियो न शामिल, त छा थो करे सघजे।

कंहिंसां कंहिंसां कंहिंजी कंहिंजी ग़ाल्हि कयां मां,
हित हरको आ जाहिल, त छा थो करे सघजे।

दिलि में धारियल ख़ुशी मिले त सभु वणे थो,
जे न थी थिए हासिलु, त छा थो करे सघजे।

(25)

जे करिणियूं अथव त कयो ठाह जूं ग़ाल्हियूं,
सोचियो न मन में कड्डहिं बि डाह जूं ग़ाल्हियूं।

कुझु बि चवणो थव वड्डे वाके चई ब्बुधायो,
भुण भुण करे न कढो कंहिं जे दांह जूं ग़ाल्हियूं।

जे मंज़िल जी ज़ाण रखो था त रहबर बणिजी,
ड्डसियो सभ खे सदा सही राह जूं ग़ाल्हियूं।

जेके ग़मनि में ग़लितान रहनि दुखी हरदम,
तिनि जा ग़म वंडे कयोनि चाह जूं ग़ाल्हियूं।

जीअरनि जे भले लाइ को बि तयारु कोन्हे,
पर कजनि थियूं मसाण में साह जूं ग़ाल्हियूं।

(۲۴)

ڏيهان ڏور آ منزل تہ ڇا ٿو ڪري سگهجي،
جي خالي آ محفل تہ ڇا ٿو ڪري سگهجي.

پڙهايو هو سبقُ سڀ کي دل جي ڪتاب جو
هئا ننڊ ۾ غافل تہ ڇا ٿو ڪري سگهجي.

ڪوڙن جي دربار ۾ سچن کي ڪوٺ ملي،
پر ڪوبہ ٿيو نہ شامل تہ ڇا ٿو ڪري سگهجي.

ڪنهن سان ڪنهن سان ڪنهن جي ڳالهہ ڪيان مان،
هت هرڪو آ جاهل تہ ڇا ٿو ڪري سگهجي.

دل ۾ ڏاريل خوش ملي تہ سڀ وٺي ٿو،
جي نہ ٿِيي حاصِلُ تہ ڇا ٿو ڪري سگهجي.

(۲۵)

جي ڪرٽيون اٿوَ تہ ڪيو ڏاهہ جون ڳالهيون،
سوچيو نہ من ۾ ڪڏهن بہ ڊاهہ جون ڳالهيون.

ڪجهہ بہ ڇوٽو ٿوَ وڏي واڪي ڇئي ٻُڌايو،
پُٺ پُٺ ڪري نہ ڪيو ڪنهن جي دانهن جون ڳالهيون.

جي منزل جي ڄاڻ رکو ٿا تہ رهبر بڻجي،
ڏسيو سڀ کي سدا صحيح راهہ جون ڳالهيون.

جيڪي غمن ۾ غلطان رهن دکي هردم،
تِن سان غم ونڊي ڪيونِ چاهہ جون ڳالهيون.

جيئرن جي ڀلي لاءِ ڪوبہ تيار ڪونهي،
پر ڪجن ٿيون مسان ۾ ساهہ جون ڳالهيون.

(26)

कंहिंसां लेखो कजे, दोस्त सभु निमाणा आहिनि,
कंहिंसां दोखो कजे, माण्हू सभु सियाणा आहिनि।

ख़बर हुयमि तु डुखनि बैदि सुख त ईंदा ई ईंदा,
हो सोचु मुंहिंजो ग़लत जो घाव त पुराणा आहिनि।

महफ़िल में सभ जे सोच जो अंजाज़ त अलहदो हो,
इएं पिए लगो सभु पाण खां वेगाणा आहिनि।

तुंहिंजो हो साथु, त मनु हो मुंहिंजो माठि, पर हाणे,
तुंहिंजे वञण जो बुधी सुतल ज़ख़्म डुखाणा आहिनि।

इन्तज़ार जे लम्हनि में मन खे मूं शांत रखियो आ,
पर तुंहिंजे वरण लाइ सवें कया पुछाणा आहिनि।

(27)

जीवन में डुख ई डुख हुजनि त केरु छा करे,
उदम कंदे जे सुख न मिलनि त केरु छा करे।

उमेदुनि ऐं सुपननि जो अजीबु लागापो आ,
जे लिखियल लेख में थसि कुझु न, त केरु छा करे।

हरको थो चोडुसि जे चंड जी ई तमना करे,
जे मिलंदसि राति उमास जी, त केरु छा करे।

प्यार जे मागु ते त डाढनि जी भरमार आ,
वेतरि जे रुठल यार हुजनि, त केरु छा करे।

पुट ज़मण लाइ सवें पीर पूज़ाया था वञनि,
पर जे नियाणियूं थियूं ज़मनि, त केरु छा करे।

(٢٦)

ڪنھن سان ليکو ڪجي دوست سڀ نماڻا آھن،
ڪنھن سان ڏوکو ڪجي ماڻھو سڀ سياڻا آھن.

خبر ھيم تہ ڏکن بعد سک تہ ايندا ئي ايندا،
ھو سوچ منھنجو غلط جو گھاو تہ پرڻا آھن.

محفل ۾ سڀ جي سوچ جو انداز تہ علحدو ھو،
اِئين پئي لڳو سڀ پاڻ کان ويڳاڻا آھن.

تنھنجو ھو ساٿ تہ من ھو منھنجو مانڻ پر ھاڻي،
تنھنجي وڇڙڻ جو ٻُڌي سُتل زخم ڏکاڻا آھن.

اِنتظار جي لَمحَنِ ۾ من کي مون شانت رکيو آ،
پر تنھنجي وَرَڻ لاءِ سوين کيا پڇاڻا آھن.

(٢٧)

جيوَن ۾ ڏک ئي ڏک ھجن تہ ڪير ڇا ڪري،
عُدَم ڪندي جي سُکَ نہ ملن تہ ڪير ڇا ڪري.

اُميدُن ءَ سُپنن جو عجيب لاڳاپو آ،
جي لکيل ليک ۾ تِس ڪجھہ نہ تہ ڪير ڇا ڪري.

ھرڪو تو چوڏس جي چنڊ جي ئي تمنا ڪري،
جي ملندس رات اُماس جي تہ ڪير ڇا ڪري.

پيار جي ماڳ تي تہ ڏاڍن جي پرَمارَ آ،
وينر جي رُئل يارَ ھجنِ تہ ڪير ڇا ڪري.

پُتَ جمڻ لاءِ سَوين ير پوُڄايا ٿا وڃنِ،
پر جي نياڻيون تيون جمنِ تہ ڪير ڇا ڪري.

(28)

रबु जीअं हलाए तीअं रही पवंदासीं,
जेड्डाहुं बि पेर खज़िया वधी हलंदासीं।

न छांव जी का चिंता न अझे लाइ आता,
जेको मिले संतोष सां सुखी रहंदासीं।

केरु संगी न साथी परछायो त गडु आ,
हिन जग मां अकेला ई हली हलंदासीं।

जोगी थी झंगलनि में बि रह़ी सघिजे थो,
सभु कुझु छडे शांतीअ सां जी सघंदासीं।

रहूं सभ खां आजा, छड्डे पराई पचर,
मन चाहियो त सचो संगु करे वठंदासीं।

(29)

ब्रियनि सां ब्रिए जे बारे में भुण भुण करणु,
सुठो नाहे कंहिंजी हिन रीति गि़ला करणु।

पंहिंजनि ई रिश्तनि खे मिटाइण जी हुण तुण,
बिलिकुल बेवाजिब आ कंहिंजा छिला छिलणु।

हर वक़्त धारियनि जे फडुनि में पेर विझणु,
केतरो सही आ हीअं शीशे जा क़िला अड्डणु।

कूड़ जी मड़ में एड्डो त ख़ुमार आहे,
जो सवला लग़नि था सच जा दिला भञणु।

पैसे ऐं रसूख़ जो ई राज़ु हले थो,
जो नाणे सां सभु चाहिनि था ब्रिला वठणु।

(٢٨)

رَبُ جيئن هلائي تيئن رهي پوندا سين،
جيڏانهن به پير کڻيا وَڌي هلندا سين.

نه چانوَ جي ڪا چنتا نه اَجهي لاءِ آتا،
جيڪو ملي سنتوش سان سُکي رهندا سين.

ڪير سنگي نه ساٿي پرچايو ته ڳڏ آ،
هن جڳه مان اَڪيلا ئي هلي هلندا سين.

جوڳي ٿي جهنگلن ۾ بہ رهي سگهجي ٿو،
سڀ ڪجهه ڇڏي شانتيءَ سان جي سگهندا سين.

رهون سڀ ڪان آجا ڇڏي پرائي پڃرَ،
مَنَ چاهيو ته سچو سنگُه ڪري وننداسين.

(٢٩)

ٻين سان ٻئي جي باري ۾ پُٽ پُٽ ڪرڻ،
سُنو ناهي ڪنهنجي هن ريت گِلا ڪرڻ.

پنهنجن ئي رشتن کي مٽائڻ جي ٺُهُ ٺُڻ،
بلڪل بيواجب آ ڪنهن جا ڇِلا ڇلڻ.

هر وقت ڌارين جي ڦڏن ۾ پير وِجهڻُ،
ڪيترو صحيح آ هينئن شيشي جا قِلعا اَڏڻُ.

ڪوڙ جي مَئِه ۾ ايڏو ته خمار آهي،
جو سؤلا لڳن ٿا سچ جا دِلا پَچڻُ.

پئسي ۽ رَسوخ جو ئي راڄ هلي ٿو،
جو ناٽي سان سُڀ چاهن ٿا ٻَلا وَڌڻُ.

(30)

साहु हथ में झले, मौत ते सोभ पाइ,
दुनिया जे भले लाइ, पंहिंजो भवु भुलाइ।

क़ाहिलु न थी, मंज़िल डु्रांहु ई नज़र करि,
संसार जे समर में, अगु्रते विख वधाइ।

अणखुट इच्छाऊं त मन खे थियूं मोड़िनि,
मन ते रखी क़ाबू, सभ सां मेलु मिलाइ।

उमेदुनि जा सुपना डि्रसणु ठीक नाहिनि,
ग़म खां करि पासो, प्रीत जा पह पचाइ।

हरको निरासु पाण खां ई पियो भजे़,
मौज भरे मन में, सभ खे खिली खिलाइ।

(31)

आहिनि दोस्त मुंहिंजा निमाणा ऐं दिलदार सुठा,
गो़ल्हण सां बि कोन मिलंदा, अहिड़ा मनठार मिठा।

गुलनि जी ख़ुश्बूइ था फहिलाइन सजे़ संसार में,
हिक बि्रए खां निराला, कोन अहिड़ा फ़नकार डि्रठा।

दर्दु जिनि जे दिलि अंदर, प्यारु था ब्रहकाइनि ब्राहिरि,
तिनि यारनि खे सवें सलाम, जिनि मुर्की ख़ार सठा।

कहिड़ो बि तूफ़ान अचे या कही अचे को क़हरु,
क़यामत खां बि पुठते कोन वरंदा सरदार पठा।

ख़ुशी जिनि जो धर्मु, मदद महिल सभ खां अगु्रा,
कहिड़ी बि मुसीबत में, कीन कडु्रहिं से यार रुठा।

(٣٠)

ساڳ هت ۾ جهلي موٽ تي سوبِ پاءِ،
دنيا جي پلي لاءِ پنهنجو پوءُ پُلاءِ.

ڪاهِل نہ ٿيءُ منزل ڏانهن ٿي نظر ڪ،
سنسار جي سمر ۾ اڳتي وڪ وڌاءِ.

اٽڪَت اچائون تہ من کي تيون موڙن،
من تي رکي قابو سڀ سان ميل ملاءِ.

اُميدن جا سپنا ڏسڻ نيڪ ناهنِ،
غم کان ڪر پاسو پريت جا پَهہ پچاءِ.

هرڪو نراس پاڻ کان ئي پيو پڇي،
موڄ پري مَنَ ۾ سڀ کي کِلي کِلاءِ.

(٣١)

آهن دوست منهنجا نماڻا ۽ دلدار سُنا،
ڳولهڻ سان بہ ڪونہ ملندا اهڙا مننار مِنا.

گُلنِ جي خوشبوءِ تا ڦهلائن سڄي سنسار ۾،
هڪ ٻئي کان نرالا ڪونہ اهڙا فنڪار ڏنا.

ذرد جن جي دل اَندرِ پيار تا ڀڪائنِ ٻاهر،
تِنِ يارن کي سوين سلام، جن مرڪي خار سَنا.

ڪهڙو بہ طوفان اچي يا ڪهي اچي ڪو قهر،
قيامت کان بہ پنتي ڪونہ ورندا سردار پَنا.

خوشي جن جو ذرم مدد مَهِلَ سڀ کان اَڳرا،
ڪهڙي بہ مُصيبت ۾ ڪين ڪڏهن سي يار رُنا.

(32)

गरम ब॒पहरी, बाहि जा उला पिया वसनि,
वाचूड़नि जी मार ज़॒णु सुयूं थियूं चुभनि।

ततल भूंइ, निटहरी उस, वेतरि रिण जो पंधु,
वारीअ जा तह परे खां रुञ पिया लग॒नि।

वाट सज़ी हिकड़ो को अझो थिए ग॒ोल्हियो,
न छांवथी ड॒िसजे, हलंदे पेर पिया सड़नि।

इम्दाद आ लाज़िमु पर साम्हूं रिणु ई रिणु,
न को आदम न के पसूं पखी था ड॒िसजनि।

बस हिकु ई आसरो शल राति जल्दी थिए,
ऊंदह में परे ब॒ुरियल के बतियूं त चमकनि।

(33)

माउ खां बुधल विसारी सिंधियुनि लोली आ,
घणनि खे ज़॒ाण नाहे त सिंधी संदनि ब॒ोली आ।

सिंधी सिखण खां घणा कीब॒ाइनि था माण्हू,
लिपी त हिनजी ब॒ियनि ब॒ोलियुनि खां सवली आ।

सिंधु लुटाए अची सभु ओड़ाह में पियासीं,
पर न झली कंहिं अग॒ियां, कंहिं सिंधीअ झोली आ।

माइट चाहिनि त ब॒ार सिंधी सिखी सघनि था,
लग॒ंदुनि त कंहिं नएं संसार में अखि खोली आ।

जंहिंजे छंडे सां मिले थी मन खे तरावत,
सो निर्मलु जलु सिंधू नदीअ जी छोली आ।

(٣٢)

گرمَ ٻپهري ٻاهه جا اُلها پيا وسَنِ،
واچوڙن جي مار جڻ سُپون تيون ڇُپَنِ.

تنلَ پونئِہ، نتهري اُس، ويتر رڻ جو پنڌُ،
واريءَ جا تهہ پري کان رُچ پيا لڳن.

وات سڄي هڪڙو ڪو اجهو تِئي ڳولهيو،
نہ ڇانوَ تي ڏسجي هلندي پيرَ پيا سڙنِ،

اِمداد آ لازم پر سامهون رِڻُ ئي رِڻُ،
نڪو آدم نڪي پسون پکي تا ڏِسجنِ.

بس هڪ ئي آسرو شل رات جلدي ٿئي،
اونده ۾ پري ٻريل ڪي ٻتيون تہ چمڪن.

(٣٣)

ماءُ کان ٻُڌَلَ وساري سنڌيُنِ لولي آ،
گهڻن کي ڄاڻ ناهي تہ سنڌي سَندنِ ٻولي آ.

سنڌي سکڻ کان گهڻا کيٻاڻِنِ تا ماڻهو،
لڳي تہ هن جي ٻين ٻولين کان سؤلي آ.

سنڌُ لُٽائي اڄي سَبُ اوڙاه ۾ پياسين،
پر نہ جهلي ڪنهن اڳيان ڪنهن سنڌيءَ جهولي آ.

مائٽ چاهِنِ تہ ٻار سِنڌي سکي سگهن تا،
لڳندُنِ نہ ڪنهن نئين سنسار ۾ اَکہ کولي آ.

جنهن جي چنڊي سان ملي تي من کي تراوت،
سو نرمل جلُ سنڌو نديءَ جي ڇولي آ.

(34)

जीअण लाइ पल पल जो हिसाबु त रखणो आ,
सही सोच सही राह जो ख़्वाबु त लहणो आ।

आईने वटि बिही पंहिंजी कथ पाण थे कई,
मन में भरियल मवाद जो इलाजु त करणो आ।

मौतु ईंदो होरे होरे, सभु छिनी वेंदो,
उन खां अगु ज़िंदगीअ जो सवाद त चखणो आ।

गुल बणी संसार में सुरहाण पखेड़ियूं,
पंहिंजे कये जो जगु खे जवाबु त ड्रियणो आ।

कुझु इएं कजे सज़ो जहानु सुर्गु बणजी पवे,
माण्हिपे खे हर मन में सुजागु त करणो आ।

(35)

दुनिया जीअं बि चवे कंहिंजे लाइ,
असां काणि छो कढूं उन जे लाइ।

भरी हवा जी कीअं ब़धी खणबी,
जिए थो हरको फ़क्त, पंहिंजे लाइ।

अञा त असां वटि आहे सिक सुहिबत,
सभु पाण लुटायो ब्रियनि जे लाइ।

हर हाल में जे मुर्की सघीं थो,
महिणनि जी परवाह छाजे लाइ।

दोस्ती निभाइणु आहे मुहाल,
पाणु लुटाए निभाई तुंहिंजे लाइ।

(٣٤)

جيئڻ لاءِ پل پل جو حِسابُ ته رکڻو آ،
صحيح سوچي صحيح راه جو خواب ته لهڻو آ،

آئيني وٽ بيهي پنهنجي ڪٽ پاڻ تي ڪئي،
من ۾ ڀريل مواد جو عِلاج ته ڪرڻو آ.

مؤت ايندو هوري هوري سڀ ڇني ويندو،
اُن کان اڳ زندگيءَ جو سواد ته چکڻو آ.

گُل بڻجي سنسار ۾ سرهاڻ پکيڙيون،
پنهنجي ڪِئي جو جڳ کي جواب ته ڏيڻو آ.

ڪجھ ائين ڪجي سڄو جهان سرڳ بڻجي پوي،
ماڻهپي کي هر من ۾ سُجاڳ ته ڪرڻو آ.

(٣٥)

دنيا جيئڻ ٻه ڇوي ڪنهنجي لاءِ،
اَسان ڪاڻِ ڇو ڪيُون اُن جي لاءِ.

ڀري هوا جي ڪيئن ٻڌِي ڪٽبي،
جئي تو هرڪو فقط پنهنجي لاءِ.

اَڃا ته اَسان وٽ آهي سڪ صُحبت،
سڀ پاڻ لُٽايو ٻين جي لاءِ.

هر حال ۾ جي مُرڪي سگهين تو،
مهڻن جي پرواه ڇا جي لاءِ.

دوستي نڀائڻ آهي مُحال،
پاڻ لٽائي نڀائي تنهنجي لاءِ.

(36)

जंहिं शख़्स मां मनु मुंझे उन खां परे रहिजे,
गुल त घणा बाग़ में जो वणे सो सुंघिजे।

हिक मंज़िल जा मागु त ब्र चारि थी सघनि था,
सोचे समुझी, जाचे जूचे क़दमु रखिजे।

न कजे मयार कंहिंजी, न ब्रियनि ते खिलजे,
सही सोच ऐं होश जे मदार में रहिजे।

ज़बान में मिठड़ी का लइ कजे पैदा,
जंहिं ते अचे कावड़ि सा ग़ाल्हि ई न कढिजे।

रहबरनि ते त लग़ुनि था अजाया इलज़ाम,
वाजिब नाहे बेसबब कंहिंते ड्रोहु मढ़िजे।

(37)

मूं अब्राले जो हू भला कीअं मरमु कढंदा,
लुड़िक भरियल नेणनि में कड्रहिं त शरमु ड्रिसंदा।

अहिड़ो छा आहे संदनि वटि, जो मूं में नाहे,
मुंहिंजे चपनि जी चाह आख़िर त गरमु पसंदा।

आईने अग़ियां पंहिंजो अक़्सु थे आखियो,
इन काणि त हू पंहिंजे सोच जो भरमु भञंदा।

ज़ब्रान ख़ामोश आ आख़िरि कंहिं वक़्त त खुलंदी,
शायद उन महिल मुंहिंजे मन जो सब्रक़ु पढ़ंदा।

जे ग़लति हुजां त जीअं वणेव टोकियो मूंखे,
सही हुजां, त छा मुंहिंजे क़दम सां क़दमु खणंदा।

(٣٦)

جنهن شخص مان من منجهي، اُن ڪان پري رهجي،
گل نہ ڳهڙا باغ ۾ جو وٽي سو سُنگهجي.

هڪ منزل جا ماڳ تہ ٻہ چار تي سگهن تا،
سوچي سمجهي جاچي جوچي قدم رکجي.

نہ ڪجي ميهار ڪنهنجي نہ ٻين تي ڪِلجي،
صحيح سوچ ۽ هوش جي مدار ۾ رهجي.

زبان ۾ منڙي ڪا لئبہ ڪجي پئدا،
جنهن تي اچي ڪاوڙ سا ڳالهہ ئي نہ ڪئجي.

رهبرن تي تہ لڳن ٿا اَجايا اَلزام،
واجب ناهي بي سبب ڪنهن تي ڏوه مڙهجي.

(٣٧)

مون اَٻالي جو هو ڀلا ڪيئن مَرَم ڪيِندا،
لُڙڪ ڀريل نيٽن ۾ ڪڏهن تہ شرم ڏِسندا.

اهڙو ڇا آهي سندنِ وٽ جو مون ۾ ناهي،
منهنجي چپن جي چاه آخر تہ گرم پسندا.

آئيني اَڳيان پنهنجو عڪسُ تي آڪيو،
اِن ڪاڻ تہ هوُ پنهنجي سوچ جو ڀرم ڀڃيندا.

زبان خاموش آ، آخر ڪنهن وقت تہ کُلندي،
شايد اُن مِهل منهنجي من جو سبق پڙهندا.

جي غلط هجان تہ جيئن وٽيوَ ٽوڪيو مونکي،
صحيح هجان تہ ڇا منهنجي قدم سان قدم کڻندا.

(38)

ड॒ाढो ड॒खियो आ खिली मोकलाइणु,
विछोड़े जी महिल मन खे समुझाइणु।

ओसीड़नि जी पीड़ा मनु थो ज॒ाणे,
सवलो नाहे नेणे लुड़िक लिकाइणु।

सुहिणनि सज॒णनि ऐं दोस्तनि अग॒ियां,
वाजिबु नाहे पंहिंजो पाणु पड॒ाइणु।

ज़िंदगीअ जे नाटक में मां त नओं नओं,
अञा त सिखां पियो थो पर्दा सजाइणु।

मां अकेलो ऐं रिश्तनि जी छिकताण,
मुश्किल आहे नींहं जा नाता निभाइणु।

(39)

ब॒ियनि जी नुक़्तचीनीअ कां डिज॒ूं छा लाइ,
लिखियलु आ जेको उन खां भज॒ूं छा लाइ।

बहितर आ असां ब॒ियनि जी कथ पाण कयूं,
कहिड़ी बि हस्ती छो न हुजे, ड॒कूं छा लाइ।

हरको आज़ाद आ, कुझु बि चवे कुझु बि कुछे,
मनु साफ़ु आ त महिणनि खां छिरकूं छा लाइ।

चाहे केरु बि लिखे, सच ऐं कूड़ जो फर्क़ु,
ग़लति इलज़ामनि जो भारु खणूं छा लाइ।

जेसीं अंदरु पंहिंजो परखियो नाहे असां,
तेसीं बेवजह ब॒ियनि ते खिलूं छा लाइ।

(٣٨)

ڏاڍو ڏکيو آ ڪِلي موڪلائڻ،
وڇوڙي جي مهِل من کي سمجهائڻ.

اوسيڙن جي پيڙا من تو ڄاڻي،
سولو ناهي نيڻين لُڙڪ لِڪائڻ.

سُهڻن سڄڻن ۽ دوستن اڱڻان،
واجب ناهي پنهنجو پاڻ پڏائڻ.

زندگيءَ جي ناٽڪ ۾ مان تہ نئون نئون،
اَڃان تہ سکان پيو تو پردا سڄائڻ.

مان اڪيلو ۽ رشتن جي ڇڪتاڻ،
مشڪل آهي نينهن جا ناتا نڀائڻ.

(٣٩)

ٻين جي نقطچينيءَ کان ٻچون ڇا لاءِ،
لِکيل آ جيڪو اُن کان ڀڄون ڇا لاءِ.

بهتر آ اسان ٻين جي ڪَٽ پاڻ ڪيون،
کهڙي بہ هستي چو نہ هجي ڏکون ڇا لاءِ.

هرڪو آزاد آ، ڪُجهہ بہ چوي، ڪجهہ بہ ڪچي،
مَنُ صاف آ تہ مَهڻِن کان ڇرکون ڇا لاءِ.

چاهي ڪير بہ لِکي سچ ۽ ڪوڙ جو فرق،
غلط اِلزامن جو ڀار کڻون ڇا لاءِ.

جيسين اَندر پنهنجو پرکيو ناهي اَسان،
تيسين ٻيوَجهہ ٻين تي کلون ڇا لاءِ.

(40)

हू माण्हू न पर चातो आ,
जंहिं सभनी जो रतु पीतो आ।

मन में ब़ुरेसि थी बाहि हरदम,
हुन ज़हरु नांग जो ग़ीतो आ।

ख़ुद खे समझे जग़ु जो वाली,
पर क़र्ज़ खणण लाइ बीठो आ।

चापलूसीअ में माहिर आहे,
हुन गुलमो मुश्क जो पीठो आ।

ख़ीसा ख़ाली फाटल कपड़ा,
तंहिं लोड़ियो कयलु कीतो आ।

(41)

हू जिते बि हुजे अध सड़ु ते अची वञे थो,
कहिड़ी बि हुजे ग़ाल्हि झटपट मञी वञे थो।

जड़हिं बि गड़जे, गड़जे थो घणे प्यार सां,
न वणेसि को शख़्सु त मुर्की हली वञे थो।

हू शरीफ़ु पर, आहे आदत खां मजबूर,
पंहिंजा त छड़ि परावनि सां बि खुली वञे थो।

इन्सानु जे लिके थो त मौत खां डिजे थो,
साईअ जे सड़ु ते हिकदम डुकी वञे थो।

क़ाफ़लो हले थो, ऐं हलंदो ई रहे थो,
सवें तूफ़ान अचनि अगु़ते वधी वञे थो।

(٤٠)

ڊوُ ماڻهون نہ پر ڇيتو آ،
جنهن سيني جو رت پيتو آ.

من ۾ بريس ٿي باھ هردم،
ڊُمَن زهر ناڱہ جو ڳيتو آ.

خود کي سمجهي جڳہ جو والي،
پر قرض کڻي لاءِ بينو آ.

چاپلوسيءَ ۾ ماهر آهي،
هن مُلعمو مُشڪ جو پينو آ.

خيسا خالي قاتل ڪپڙا،
تنهن لوڙيو کيل کيتو آ.

(٤١)

هو جتي بہ هجي اڌ سڌ تي اچي وڃي ٿو،
ڪپڙي بہ هجي ڳالہ جيت پت مچي وڃي ٿو.

جڏهن بہ گڏجي، گڏجي ٿو ڳٽي پيار سان،
نہ وٽيس ڪو شخص تہ مرڪي هلي وڃي ٿو.

هو شريف پر آهي عادت کان مجبور،
پنهنجا تہ ڇڏ پراون سان بہ کُلي وڃي ٿو.

اِنسان جي لکي ٿو تہ موُت کان ڊڄي ٿو،
سائين جي سڌ تي هڪدم ڊُڪي وڃي ٿو.

قافلو هلي ٿو ۽ هلندو ئي رهي ٿو،
سوين طوفان اچن اڳتي وڌي وڃي ٿو.

(42)

इहो वड॒ो हिकु मर्ज़ु आहे,
खंयो अथवा जो कर्ज़ु आहे।

संतोष धारे ख़ुश रहिजे,
हर हिक खे ही अर्ज़ु आहे।

न कंहिंखे का मयार ड्रिजे,
दुनिया वड॒ी बेग़र्ज़ु आहे।

वतन ते क़ुर्बान वञणु ई,
सचे बंदे जो फ़र्ज़ु आहे।

रब जी रंगबिरंगी दुनिया,
तेज़ तिखेरी तुर्ज़ आहे।

(43)

सुख जा पोखे हरको दाणा,
चाहे जोड़णु सुहिणा माणा।

भावीअ जी चिंता जी ख़ातिर,
ख़ूबु मेड़िन था ज़ेवर नाणा।

सुंदर दिलकश रूप ड्रियण लाइ,
ग॒ोहिनि चीकी मिटीअ चाणा।

जीअण जी जाखोड़ में उलझी,
माण्हू सभु लग॒नि पिया साणा।

नींहुं निभाइणु आहे ओखो,
सोखो करे वठनि था स्याणा।

(۴۲)

اِهو وڏو هڪ مَرضُ آهي،
ڪنهو اڻوَ جو قَرضُ آهي.

سنتوشُ ڌاري خوش رهجي،
هرهڪ کي هي عَرضُ آهي.

نہ ڪنهن کي ڪا معيار ڏجي،
دُنيا وڏي بي غرض آهي.

وطن تي قربان وڃڻ ئي،
سچي بندي جو فرض آهي.

رب جي رنگہ برنگي دُنيا،
تيز تڪيري ڌُرِظ آهي.

(۴۳)

سُڪہ جا پوکي هرڪو داڻا،
چاهي جوڙڻ سهڻا ماڻا.

ياويءَ جي چننا جي خاطر،
خوب ميڙنُ ٿا زيور ناڻا.

سندرُ دِلڪش روپ ڏيڻ لاءِ،
ڳوهِڻ چيکي مٽيءَ چاڻا.

جيئڻ جي جاڪوڙ ۾ اُلجهي،
ماڻهو سڀ لڳن پيا ساڻا.

نيڻهُن نپائڻ آهي اؤکو،
سؤکو ڪري وٺڻ ٿا سياڻا.

(44)

मूं छा कयो जो हर घड़ी वरजाए पियो थो,
ग़ाल्हि ग़ाल्हि ते अलाए छो धमकाए पियो थो।

यादि नाहे हुन जे आडो कुझु मूं कयो हुजे,
पोइ छा लाइ ठहियल कम अटकाए पियो थो।

बेसबब सजे शहर में, मूं डांहु आङुर खणी,
हर शख़्स खे मूं लाइ भड़काए पियो थो।

शायद हुन जे चए खे दादु कोन थो मिलेसि,
इनकरे हाणे पंहिंजो रुख़ु बदलाए पियो थो।

हाणे कुझु वरेसि नथो त घणो शांत आहे,
साम्हूं पवण ते कंधु फेरे घबराए पियो थो।

(45)

सोचु मन खे अलाए किथे किथे पुजाए थो,
बादलनि खां मथे नएं अर्श डांहुं उडाए थो।

सूंहं जे जलवनि खे नेणनि में समाइण लाइ,
सुहिणनि सुपननि जा महल मन अंदर अडाए थो।

कडहिं पखी बणी, उडामी वञे थो परे परे,
कडहिं भा रे वांगुरु गुलनि जी रसु लुटाए थो।

को ख़्यालु कंदे ऊन्हे महराण में पेही,
मोती भरियल सिपुनि लाइ ग़ोता लगाए थो।
इएं सोचे थो हू हर फ़न में आहे माहिर,
बिना मतलब हर वक़्त पंहिंजो पाणु पडाए थो।

(۴۴)

مون ڇا ڪيو جو هر گهڙي ورجائي پيو تو،
ڳالهہ ڳالهہ تي الائي ڇو ڌمڪائي پيو تو.

ياد ناهي ھُنَ جي آڏو ڪجهہ مون ڪيو هجي،
پوءِ ڇا لاءِ نهيل ڪم اٽڪائي پيو تو.

بي سَبَب سڄي شهر ۾ مون ڏانهن آڱر کڻي،
هر شخص کي مون لاءِ ڀڙڪائي پيو تو.

شايد ھُن جي چئي کي دادُ کونہ تو مليس،
ان ڪري هاڻي پنهنجو رُخُ بدلائي پيو تو.

هاڻي ڪجهہ وريس نتو تہ گهڻو شانت آهي،
سامهون ٻوڙ تي ڪنڌُ ڦيري گهبرائي پيو تو.

(۴۵)

سوچ من کي اَلائي ڪٿي پڄائي تو،
بادلن کان مٿي نئين عَرِش ڏانهن اُڏائي تو.

سونهن جي جلوَنِ کي نيڻن ۾ سمائڻ لاءِ،
سهڻن سُپنن جا محل من اَندر اڏائي تو.

ڪڏهن پکي بڻي اُڏامي وڃي تو پري پري،
ڪڏهن ڀؤنري وانگر گُلن جي رَسُ لُٽائي تو.

ڪو خيال ڪندي اونهي مهراڻ ۾ پيهي،
موتي ڀريل سِپُنِ لاءِ غوطا لڳائي تو.

ائين سوچي تو هوُ هر فن ۾ آهي ماهر،
بنا مطلب هر وقت پنهنجو پاڻ پڏائي تو.

(46)

रुठा आहियूं नेठ त ठहकी पवंदासीं,
अजु न त सुभाणे आख़िर परची पवंदासीं।

जे दिलबरु घावनि ते हथिड़ो घुमाईंदो,
दांहं दरदु सभु विसारे गडुजी पवंदासीं।

रुसणु ऐं रुसामो त सिक जी निशानी आ,
वक़्तु पवंदो हिक ब्रिए डे छिकजी पवंदासीं।

नेणनि सां नेण मिलंदे लुड़िक वही आया,
ख़ामोश इशारनि ते त मुर्की पवंदासीं।

ठाह जे सुडुकनि ते मनु भरजी अचे थो,
सभु कुझु भुलाए आख़िर समुझी पवंदासीं।

(47)

कयो हो तो वाइदो अचण जे वास्ते,
न का ख़बर न को ख़तु पढ़ण जे वास्ते।

न डसु पतो न को नियापो ई मुकियुइ,
हरु पलु लुछंदी रहियसि, सजुण जे वास्ते।

लुड़िक थमिजनि नथा घणे इन्तज़ार में,
हेडा छो सूर डिनइ सहण जे वास्ते।

वाट निहारी इन लाइ त जाणु आएं,
पुछाणा कया तुंहिंजे वरण जे वास्ते।

दिलि जो दाउ लगायो त ज़रूर ईंदें,
जे न त, हाज़ुरु आहियां मरण जे वास्ते।

(۴٦)

رُنا آهيون نيڻ ته نهڪي پوندا سين،
اڄ نه ته سڀاڻي آخر پرچي پوندا سين.

جي دلبر گهاوَن تي هٿڙو گهمائيندو،
دانهن دردُ سڀ وِساري گڏجي پوندا سين.

رُسَڻُ ۽ رُسامو ته سِڪ جي نِشاني آ،
وقت پوَندي هڪ ٻئي ڏي ڇِڪجي پوندا سين.

نيڻن سان نيڻ ملندي لُڙڪ وهي آيا،
خاموش اِشارن تي ته مُرڪي پوندا سين.

ناه جي سُڏڪن تي مَنُ پرجي اڇي تو،
سڀ ڪجهه ڀُلائي آخر سمجهي پوندا سين.

(۴٧)

ڪيو هو تو واعدو اچڻ جي واسطي،
نڪا خبر، نڪو خط، پڙهڻ جي واسطي.

نه ڏسُ پتو نه ڪو نياپو ئي مُڪيئه،
هر پل لُڇندي رهيس سڄڻ جي واسطي.

لُڙڪ ڌمڄن نتا گهٽي انتظار ۾،
هيڏا ڇو سور ڏنئه سهڻ جي واسطي.

وات نهاري اِن لاءِ ته چاڻ آئين،
پُڇاڻا ڪيا تنهنجي ورڻ جي واسطي.

دِلِ جو داءُ لڳايو ته ضرور ايندين،
جي نه ته حاضر آهيان مرڻ جي واسطي.

(48)

सचु चयो त माण्हुनि जे ग़ुसे जो शिकारु थियुसि,
भरियल महिफ़िल में बिना मतलब ख़्वारु थियुसि।

जोगियुनि गडु निकरी पियुसि पाण खे भुलाए,
मालिक जी ग़ोल्हा में हिकु मां बि शुमारु थियुसि।

जंहिं ख़ुशीअ जी तलाश हुई, सा कीन की मिली,
पंहिंजे वजूद अगियां पाण शर्मसारु थियुसि।

सिज जी रोशनीअ में थे चंड खे ग़ोल्हियो,
अंध जे घोड़े ते पंहिंजो पाणु सवारु थियुसि।

होश में हूंदे कनि पिया मइ जूं ग़ाल्हियूं,
अहिड़नि दोस्तनि मां, मां पाण बेज़ारु थियुसि।

(49)

कांच जी अखि मां लुड़िक छा वहंदा,
पथर जी दिलि थनि दरदु छा सहंदा।

पाणीअ ते डुकण जी तमना न कयो,
खंडहरु आ पुराणो वण छा टिड़ंदा।

छो था दर पटियो, बंदि रहणु डियो,
तिखे तूफ़ान में डीआ छा ब्रंदा।

कुझु बि चवणो अथव बिंदाज़ चई छडियो,
हठीला माण्हू शिकायत छा ब्रुधंदा।

छो था छिड़िब्रियो ग़रीबनि ग़ुरबनि खे,
निमाणा वेचारा कहिंसां छा विढ़ंदा।

(۴۸)

سچ چيو تہ ماڻهن جي غصي جو شڪار ٿيس،
پريل محفل ۾ بنا مطلب خوار ٿيس.

جو ڏٺين گڏ نڪري پيس پاڻ کي ڀُلائي،
مالڪ جي ڳولها ۾ هڪ مان بہ شُمار ٿيس.

جنهن خوشيءَ جي تلاش هئي سان ڪين کي ملي،
پنهنجي وجود اڳيان پاڻ شرمسار ٿيس.

سڄ جي روشنيءَ ۾ ٿي چنڊ کي ڳولهيو،
اَنڌ جي گهوڙي تي پنهنجو پاڻ سوار ٿيس.

هوش ۾ هوندي ڪَنِ پيا مئہ جون ڳالهيون،
اهڙن دوستن مان، مان پاڻ بيزار ٿيس.

(۴۹)

ڪانچ جي اکہ مان لُڙڪ چا وهندا،
پٿر جي دل تِن دردُ چا سهندا.

پاڻيءَ تي ڏُڪڻ جي تمنا نہ ڪيو،
ڪنڌهر آ پُراڻو وڻ چا ٽِڙندا.

جو ٿا در پٽيو بند رهڻ ڏيو،
ٽِڪي طوفان ۾ ڏيئا چا ٻرندا.

ڪجهہ نہ چوٽو اَتوَ بنداز چئي چڙيو،
هنيڻا ماڻهو شِڪايت چا ڏِندا.

چو ٿا چڙيو غريبن غُربت کي،
نماڻا ويچارا ڪنهن سان چا وِڙهندا.

(50)

कहिड़ी ख़ता थी मूंखां, जो इलज़ाम धरीं थीं,
बेसबब जगु में छो एड॒ो बदनाम करीं थीं।

न कई आ का चुक न कंहिंजी दिलि ई रंजाई आ,
पोइ छो एड॒ो ज़ुलुम करे मन मन में ठरीं थी।

न कुझु बुधण लाइ तयारु, न का गालिह ई मञी थी,
मुंहिंजी ख़ुशी ड॒िसी ड॒िसी थी वई आं चरी थी।

सुठो नाहे पाण खे हर शइ खां वड॒ो समुझणुं,
टेगुरि जी माला पाए छो हिति हुति फिरीं थी।

ख़ुश ख़ौरम रहणो थई त पंहिंजो पाणु भुलाइ,
न त जीअण में कहिड़ो मज़ो, कंहिं काणि लड़ीं थी।

(51)

छा मुंहिंजे सुवालनि जो तो वटि को जवाबु ई कोन्हे
या पंहिंजे ख़्यालनि ते तुंहिंजो को रुआबु ई कोन्हे

मां चंड खे ड॒िसी वर वर तुंहिंजे चहिरे ड॒ाहुं ड॒िसां थो
ऐं ख़ुश थियां थो त चंड जियां उन ते को दागु ई कोन्हे

हिक बि॒ए जी कशिश में एड॒ो त ख़ुमारियल रहूं था बु
मन जी गुणप में, प्यार खां सवाइ को हिसाबु ई कोन्हे

किताबघर में वञी किताबनि जो ढेर थो खंखेरिय
शायद तुंहिंजी सूंहं ते लिखियलु को किताबु ई कोन्हे

लगे थो आशिक़नि सभु दस्तूर छड॒िया आहिनि भुला
जिनि खे लगो नींहुं, तिनि खे जगु जो को लिहाज़ु ई कोन्

(٥٠)

کھڙي خطا تي مونکان جو اِلزام ڏرينِ تي،
بي سبَبُ جڳہ ۾ چو ايڏو بدنام ڪرين تي.

نہ ڪَئي آ ڪا چُڪَ نہ ڪنهنجي دل ئي رَنجهائي آ،
پوءِ چو ايڏو ظلم ڪري من مَنَ ۾ ترين تي.

نہ ڪُجھہ ٻُڌڻ لاءِ تيار نہ ڪا ڳالھہ ئي مڃين تي،
منهنجي خوشي ڏسي تي وئي آن چڙي تي.

سٺو ناهي پاڻ کي هر شَئِہ کان وڏو سَمجهڻ،
ٽيڳر جي مالا پائي چو هِت هُت ڦرين تي.

خوش خورم رهڻو تہ تئِي تہ پنهنجو پاڻ ڀُلاءِ،
نہ تہ جيئڻ ۾ کھڙو مزو ڪنهن ڪاڻ لڙين تي.

(٥١)

چا مُنهنجي سُوالن جو تو وٽ ڪو جواب ئي ڪونهي،
يا پنهنجي خيالن تي تنهنجو ڪو رُئاب ئي ڪونهي.

مان چَنڊَ کي ڏسي وَرَ وَرَ تنهنجي چهري ڏانهن ڏسان تو،
ءِ خوش ٿيان تو تہ چَنڊَ جِيان اُن تي ڪو داغ ئي ڪونهي.

هڪ ٻئي جي ڪَشِشِ ۾ ايڏو تہ خُمارِيل رهون ٿا ٻئي،
من جي ڳٽپ ۾ پيار کان سواءِ ڪو حساب ئي ڪونهي.

ڪتاب گھر ۾ وجي ڪتابن جا ڍيرَ تو ڪنکيريا،
شايد تنهنجِي سونهن تي لکيل ڪو ڪتاب ئي ڪونهي.

لڳي ٿو عاشقنِ سڀ دَستور ڇڏيا آهِنِ ڀُلائي،
جِنِ کي لڳو نينهن تِنِ کي جڳہ جو ڪو لحاظُ ئي ڪونهي.

(52)

तोखे ड्रिसण सां ई हिकु ख़्यालु उथियो हो,
यादि नाहे तोखे मूं किथे ड्रिठो हो।

वरिहयनि बैदि मुख ते उहाई सहाई,
ज़ुणु त चंड ते कंहिं भूरो रंगु चिटियो हो।

बेनज़ीर सूंहं तुंहिंजी सभ खां अलहदा,
क़िस्मत वारो लेखिबो जंहिं तोखे खटियो हो।

हेड्रो वड्रो लोकु, लखें माण्हू था गड्रिजन,
कंहिं मनु मुंझायो त कंहिं जिगरु लुटियो हो।

ब्रियनि लाइ कुझु बि लिखणु तमामु सवलो आ,
पंहिंजी कथ पाण करणु ड्राढो ड्रुखियो हो।

(53)

तूं आहीं त सुर्ग़ु मिसिल ही घरु लग्रे थो,
तूं नाहीं त संसार सज़ो जड़ु लग्रे थो।

तुंहिंजो हुअणु मूं लाइ मुनाफ़ो आहे,
तुंहिंजे वञण जी सुर्स सुणी ड्ररु लग्रे थो।

मुंहिंजे नांउ सां नांउ तुंहिंजो जुड़ंदे ई,
मनु मुंहिंजो सूंहं सुग़ंध सां तरु लग्रे थो।

तुंहिंजी उल्फ़त न मिलण ते हिरदो मुंहिंजो,
कंहिं तड़फंदड़ परिंदे जो परु लग्रे थो।

कंहिं वेसाहु कयो मूं ते त ख़ुश थियां थो,
जे ख़ुवारु थियां थो त दिलि में शरु लग्रे थो।

(۵۲)

توکي ڏسڻ سان ئي هڪ خيال اُٿيو هو،
ياد ناهي توکي مون ڪٿي ڏٺو هو.

ورهين بعد مُکھ تي اُها ئي سهائي،
ڄڻ تہ چنڊ تي ڪنهن پورو رنگ ڇٽيو هو.

بي نظير سونهن تنهنجي سڀ کان علحدا،
قسمت وارو ليکبو جنهن توکي ڪٽيو هو.

هيڏو وڏو لوڪ لکين ماڻهو تا گڏجن،
ڪنهن مَنُ مُنجهايو تہ ڪنهن جگر لُٽيو هو.

ٻين لاءِ ڪجهہ بہ لکڻ تمام سؤلو آ،
پنهنجي ڪٿ پاڻ ڪرڻ ڏاڍو ڏُکيو هو.

(۵۳)

تون آهين تہ سرڳہ مثل هي گهر لڳي ٿو،
تون ناهين تہ سنسار سڄو جڙ لڳي ٿو.

تنهنجو هئڻ مون لاءِ منعافو آهي،
تنهنجي وڃڻ جي سُرِس سُٽي ڏرُ لڳي ٿو.

مَنهنجي نانءُ سان نانءُ تنهنجو جڙندي ئي،
مَنُ منهنجو سونهن سڳنڌ سان ترُ لڳي ٿو.

تنهنجي اُلفت نہ ملڻ تي هردو منهنجو،
ڪنهن نڙڦندڙ پرندي جو پر لڳي ٿو.

ڪنهن ويساهہ ڪيو مون تي تہ خوش ٿيان ٿو،
جي خُوارُ ٿيان ٿو تہ دل ۾ شرُ لڳي ٿو.

(54)

एड॒ो थियुसि लाचार जो कुझु सुझेई नथो,
तमना कई मूं मौत जी पर मिलेई नथो।

परावनि ग़मनि ते हरको थो ठहाका हणे,
पंहिंजनि ज़ख़्मनि ते त केरु बि खिले ई नथो।

मूं त विरहायूं पिए ख़ुशियूं हथ भरे भरे,
पर मुंहिंजे ग़मनि जो सौदो त थियेई नथो।

सुपननि जो साकार थियणु ड॒ाढो आ मुहाल,
दिलि जे दांहुनि जो हशरु को सुणे ई नथो।

ब॒ियनि ते रचिया जे गीत से त चोट चढ़िया,
पर पंहिंजे पाण लाइ मनु कुझु लिखे ई नथो।

(55)

भायां थो नेणनि में, अज॒ बि कशिश आहे त सहीं,
जो तूं मुंहिंजे हिकड़े ई सड॒ ते आएं त सहीं।

केड॒ो न मज़ो आ रुसामे बैदि मिलण जे सड॒ ते,
जे दिलि सां दिलि जो जोड़ु वर वर को ठाहे त सहीं।

मनु जे अशांत आ त दुनिया रोशन कीअं लग॒ंदी,
मन सुख लाइ प्रेम जी पोती को पाए त सहीं।

मूं समुझो, प्यार जी पुज॒ाणी त थी ई न नथी सघे,
पर हिन रीति जो अंजाम कड॒हिं ब॒ुधो नाहे त सहीं।

दर दर भटिकण खां बहितर आ को अझो ग॒ोलिजे,
को दिलि में पेही सुग॒ ०००००संदो घरु वसाए त सहीं।

(۵۴)

ايڏو تِبُس لاچار جو ڪجهہ سُجهي ئي نٿو،
تمنا ڪئي مون موُت جي پر ملي ئي نٿو.

پراوڻِ غمن تي هرڪو تو نهاڪا هڻي،
پنهنجن زخمنِ تي تہ ڪير بہ کلي ئي نٿو.

مون تہ ورهايون پئي خوشبون هٿ پري پري،
پر منهنجي غمن جو سؤدو تہ ٿئي ئي نٿو.

سُپنَنِ جو ساڪار ٿيڻ ڏاڍو آ مُحال،
دل جي دانهُنِ جو حَشر ڪو سُڻي ئي نٿو.

بين تي رچيا جي گيت سي تہ چوٽ چڙهيا،
پر پنهنجي پاڻ لاءِ من ڪجهہ لِکي ئي نٿو.

(۵۵)

يايان تو نيڻن ۾ اڄ بہ ڪَشِشِ آهي تہ سَهِينِ،
جو تون منهنجي هڪڙي ئي سڏ تي آئين تہ سَهِينِ.

ڪيڏو نہ مزو آ روسامي بعْد ملڻ جي سَڏ تي،
جي دل سان دل جو جوڙ وَرَ وَرَ ڪو ناهي تہ سَهِينِ.

من جي اَشانت آ تہ دُنيا روشن ڪيئن لڳندي،
من سُکہ لاءِ پريم جي پوتي ڪو پائي تہ سَهِينِ.

مون سمجهيو پيار جي پُڄاڻي تہ ٿي ئي نٿي سگهي،
پر هِنَ ريت جو انجام ڪڏهن ٻُڌو ناهي تہ سَهِينِ.

دَرِ دَرِ پٽڻ کان بهتر آ ڪو اَجهو ڳولهجي،
ڪو دِلِ ۾ پيهي سرڳہ سندو گهر وسائي تہ سَهِينِ.

(56)

तुंहिंजे ग़िलनि तां एड़ा छो लुड़िक था लुड़िकनि,
अहिड़ा कहिड़ा रंज अथई जो नेण था सुड़िकनि।

जो बि थिए थो थियणु ड्रे रखु मन ते तूं क़ाबू,
न कंहिंजी परवाह करि, भलि माण्हू पिया कुरकनि।

जे सुखनि जी तलब कबी त साणु डुख बि मिलंदा,
मस्तीअ में ड्रींहं गुज़ारि, जीअं गुल था महिकनि।

मिलणु त आहे सवलो, जुदाईअ ते वसु नाहे,
विछोड़े जी ग़ाल्हि बुधी अंग अंग था फथिकनि।

ग़णितियूं सभु भुलाए दुनिया ते सोभ पाइ,
तिनि मिठनि सां निबाहि जे हर ग़ाल्हि था समुझनि।

(57)

मां कीअं चवां सजुण लाइ छा छा न सठो आ,
अल्हा जो मिठिड़ो दिलिबरु छा लाइ रुठो आ।

दिलि जी दरबारि में, प्रीत जी कई पैरवी,
रत जी मसु सां, सिक संदो ही लिखियो चिठो आ।

खिलंदे खिलंदे वाइड़नि वांगुरु रूआं पियो थो,
शायद अणवणदड़ अजीबु को ख़्वाबु डिठो आ।

इन्तज़ार में नेण त मांदा, दिलि बि सुड़के थी,
जंहिं बि डिनी यार जी ख़बर, सो दोस्तु मिठो आ।

पछताव जा लुड़िक भरे जे यारु औरे ईदो,
नाराज़गीअ बैद बि सजुणु लगंदो सुठो आ।

(٥٦)

تنهنجي ٻُلن تي ايذا چو لُڙڪ تا لُڙڪنِ،
اهڙا ڪهڙا رنج اتئي جو نيڻ تا سُڏڪن.

جو بہ تئي تو تيڻ ڏي رَکُہ من تي تون قابو،
نہ ڪنهنجي پرواه ڪر پِل ماڻهو پيا ڪُرِڪنِ.

جي سُکن جي طَلَبَ ڪبي تہ ساڻ ڏُکہ بہ ملندا،
مستيءَ ۾ ڏينهن گُذار جيئن گُل تا مهڪن.

مِلڻ تہ آهي سؤلو جُدائيءَ تي وَسُ ناهي،
وڇوڙي جي ڳالهہ ٻُڌي انگہ انگہ تا ڦٽڪنِ.

ٻَڌِتيون سڀ ڀُلائي دنيا تي سوچ پاءِ،
تِنِ منِ سان نياءِ جي هر ڳالهہ تا سمجهنِ.

(٥٧)

مان ڪيئن چوان، سچ لاءِ ڇا ڇا نہ سنو آ،
اَلاه جي، منڙو دلبر ڇا لاءِ رُنو آ.

دل جي دربار ۾ پريت جي ڪئي پيَروي،
رت جي مَسُ سان سڪ سندو هي لکيو چِنو آ.

ڪِلندي ڪِلندي وائڙنِ وانگر روئان پيو تو،
شايد اٿوٽندڙ عجيب ڪو خواب ڏنو آ.

انتظار ۾ نيڻ تہ ماندا، دل بہ سُڏڪي تي،
جنهن بہ ڏني يار جي خبر سو دوست مِنو آ.

پڇتاوَ جا لُڙڪ پيري جي يار اوري ايندو،
ناراضگيءَ بَعدِ بہ سچ لڳندو سُنو آ.

(58)

पंजाह वरिहयनि जी उमिरि खां पोइ,
असां नंढा, ब॒ार वड॒ा थिया हिनि।

ब॒ाहिर दफ़तर में साहिब सड॒ाइनि,
से नंढनि अगि॒यां जड॒ा थी पिया हिनि।

टहीअ जी विथी जे मिटजे त चङो,
वर्ना कंहिं घर में फड॒ा थी पिया हिनि।

के त भुलाइनि पिया पंहिंजो वजूद,
त के ड॒ुख मेड़े हड॒ा थी पिया हिनि।

हरको ज़माने खां ज़ख़्मियल आहे,
दिलि जे माग॒ ते खड॒ा थी पिया हिनि।

(59)

ज़िंदगीअ में न को वाली मिलियो,
न गुल खिलिया न को माली मिलियो।

सज॒णु को सूंहारो थे ग॒ोल्हियो,
पर जो बि मिलियो मवाली मिलियो।

मइ खे थे बणायो दिलि जो रहबरु,
जामु मिलियो मगर ख़ाली मिलियो।

मालिक जी अजब काइनात ड॒िसी,
मनु सभ जो सदा सुवाली मिलियो।

शाबास मूंखे सवें सूर सठा,
न कड॒हिं दिलि घुरियो हाली मिलियो।

(٥٨)

پنجاهہ ورهين جي عمر کان پوءِ،
اسان ننڍا، ٻار وڏا ٿيا هِنِ.

ٻاهر دفتر ۾ صاحب سڏائين،
سي ننڍن اڳيان جڏا ٿي پيا هِنِ.

ٿهيءَ جي وِٿيِ جي مِٽجي تہ چڱو،
ورنا ڪنهن گهر ۾ ڦڏا ٿي پيا هِنِ.

ڪي تہ پلائن پيا پنهنجو وجود،
تہ ڪي ڏُکَہ ميڙي هڏا ٿي پيا هِنِ.

هرڪو زماني کان زخميل آهي،
دِلِ جي ماڳہ تي ڪڏا ٿي پيا هِنِ.

(٥٩)

زِندگيءَ ۾ نہ ڪو والي مِليو،
نہ گُل ڪليا نہ ڪو مالهي مِليو.

سجڻ ڪو سونهارو تي ڳولهيو،
پر جو بہ مِليو مَوالي مِليو.

مَئہ ڪي ٿي بڻايو دِلِ جو رهبر،
جام مِليو مگر خالي مِليو.

مالڪ جي عجيب ڪائنات ڏسي،
منُ سپ جو سدا سوالي مِليو.

شاباس مونکي، سَوين سور سنا،
نہ ڪڏهن دُل گهُريو هالي مِليو.

(60)

सिजु ऊंदहि में धिकियो - तूं छो न मोटिएं,
चंडु ककरनि में लिकियो - तूं छो न मोटिएं।

नींहुं नेणनि में भरे ग़चु निहारी वाट,
कांउ दरीअ ते लवियों - तूं छो न मोटिएं।

छिर्कु वर वर थे भरियो बुधंदे को खड़को,
दरु पटे तो लाइ रखियो - तूं छो न मोटिएं।

मां हीणी कीअं कुछां, तो कयो जो वैलु,
सुड्किनि मंझि मनु मुंझियो - तूं छो न मोटिएं।

महिनो सज़ो विर्त रखिया, तोसां मिलण लाइ,
हर कंहिंखां ड्रसु पुछियो - तूं छो न मोटिएं।

(61)

घर जे दर ते खड़को थियो,
दिलि जारे में धड़को थियो।

कांउ लवें थो भिति ते वेही,
पिरीं अचण जो चरचो थियो।

मुंद मींहं जी जडु हिं अचे थी,
खिविण खज़ुण जो भड़को थियो।

नज़रूं दर डे अज़्खुदि खज़ियूं,
मिठे सज़ुण जो सडु जो थियो।

जंहिं जंहिं सां मां सगुं रखां थो,
सो हिरदे जो मणको थियो।

(٦٠)

سڄ اونده ۾ ڏڪيو - تون ڇو نہ موٽئين،
چنڊ ٽڪرن ۾ لڪيو - تون ڇو نہ موٽئين.

نينهن نيڻن ۾ ڀري ڳجهه نهاري وات،
ڪانءُ ڊريءَ تي لنوِيو تون ڇو نہ موٽئين.

ڇرڪ وَرَ وَرَ ٿي ڀريو ٻڌندي ڪو کڙڪو،
در پٽي تو لاءِ رکيو تون ڇو نہ موٽئين.

مان هيٺي ڪيئن ڪڇان تو ڪيو جو وِئلُ،
سڏڪن منجهہ من منجهيو تون ڇو نہ موٽئين.

مهنو سچو وِرتَ رکيا توسان ملڻ لاءِ،
هرڪنهن کان ڏَسُ پڇيو تون ڇو نہ موٽئين.

(٦١)

گهر جي در تي کڙڪو ٿيو،
دل جاري ۾ ڏڙڪو ٿيو.

ڪانءُ لنوي ٿو ڀت تي ويهي،
پرين اچڻ جو چرچو ٿيو.

مند مينهن جي جڏهن اچي ٿي،
ڪنوڻ کچڻ جو ڀڙڪو ٿيو.

نظرون در تي ازخود کچيون،
مٺي سڄڻ جو سڏ جو ٿيو.

جنهن جنهن سان مان سنگہ رکان ٿو،
سو هردي جو مٽڪو ٿيو.

(62)

पंहिंजे सुखनि ते था कुरकनि,
ब्रियनि जे ग़मनि ते था मुरकनि।
पंहिंजा कूड़ा कम कढण लाइ,
रिश्वत आछिनि, कीन को छिरकनि।
पैसो पाणीअ वांगुरु रेड़े,
मान शान लाइ था लड़कनि।
माण्हू घणा हठीला आहिनि,
चङनि कमनि में कनि था अड़चनि।
अहिड़ा दिलबर शायद मिलंदा,
जेके मुर्की दिलि सां जुड़िजनि।
मनु लगाइजे उन्हनि मिठन सां,
हथु फेरण सां जे थापरिचनि।

(63)

जो पाण वटि नाहे सो इच्छों कीअं थी,
जंहिं खां जगु अणज़ाणु सो पुछों कीअं थी।

हर वक़्त सभ सां पई पंहिंजी भेट करीं,
बिना सोचे ब्रियनि अग्रियां कुछों कीअं थी।

न ग़ुर्बत जो सोचि न कूड़ा सुपना ई लहु,
लेख जे लिखयल खां वधि घुरीं कीअं थी।

सही वक़्त ते बिना घुरण जे सभु मिलंदो,
मिलण खां अगु उन लाइ लुछों कीअं थी।

रब जी महर जडुहिं वसंदी ख़ूब वसंदी,
उन खे छडे ब्री राह डे मुड़ीं कीअं थी।

(٦٢)

پنهنجي سُکن تي ٽا ڪُرڪَنِ،
ٻين جي غمن تي ٽا مُرڪَنِ.
پنهنجا ڪوڙا ڪم ڪيڻَ لاءِ،
رشوَت آڇِنِ ڪين ڪو ڇرڪَنِ.
پئسو پاڻيءَ وانگر ريڙهي،
مانَ شانَ لاءِ ٽا لڙڪَنِ.
ماڻهون گهڻا هنيلا آهن،
ڇڻَنِ ڪمنِ ۾ ڪِنِ ٽا اَڙچِنِ.
اهڙا دلبر شايد ملندا،
جيڪي مرڪي دل سان جُڙجَنِ.
من لڳائجي اُنهن مِنَنِ سان،
هٿ ڦيرڻ سان جي ٽا پرچِنِ.

(٦٣)

جو پاڻ وٽ ناهي سو اِڇين ڪيئن ٽي،
جنهن ڪان جڳه اَڻاڻ سو پُڇين ڪيئن ٽي.

هر وقت سڀ سان پئي پنهنجي پيٽ ڪرين،
بنا سوچي ٻين اڳيان ڪُڇين ڪيئن ٽي.

نه غُربت جو سوچ نه ڪوڙا سپنا ئي لهُ،
ليکه جي لکيل ڪان وڌ گُهرين ڪيئن ٽي.

سڀي وقت تي بنا گهرڻ جي سُڀ ملندو،
ملڻ ڪان اڳه اُن لاءِ لُڇين ڪيئن ٽي.

رَبَ جي مهر جڏهن وسندي، خوب وسندي،
اُن کي ڇڏي ٻي راه ڏي مُڙين ڪيئن ٽي.

(64)

प्रींत जे पिड़ में मूं, लुटायो घणो आ,
थियो कुझु न हासिल, विञायो घणो आ।
ग़मनि ते न कंहिंजो ज़ाब्तो रहियो आ,
ग़मनि ई त मूंखे, रुलायो घणो आ।
यादि त तुंहिंजी साणु हरदम रहे थी,
पर छिक त तुंहिंजीअ सिकायो घणो आ।
कंहिंखे न मुंहिंजी परवाह ई आहे,
मिली सभनी मूंखे, सतायो घणो आ।
न क़ुर्ब जी चाह न पैसे जी का लोछ,
वक़्त जी मार ई त, मुंझायो घणो आ।
मज़ो कीन आहे जगु॒त लाइ सोचणु,
समाजी उसूलनि, धिकायो घणो आ।

(65)

लड़ी लुड़िक आयल, लिकाए न सघियुसि,
रुसी वियलु रांझलु, मनाए न सघियुसि।

मिलियल सूर दिलिजा अंदर ई रहिया,
कयल डो॒ह कंहिंखे, बु॒धाए न सघियुसि।

सवें ख़त नियापा सनीहा मुकयाऊं,
पंहिंजनि सां नाता, निभाए न सघियुसि।

शायद का खोट आ मुंहिंजे ई नींहं में,
प्रेम जी जोति पिणि जगा॒ए न सघियुसि।

दिलि जा दर त खोले रखिया हुआ हुन,
उमेदुनि जी सेज, सजाए न सघियुसि।

(٦٤)

پريت جي پڙ ۾ مون لُٽايو گهڻو آ،
ٿيو ڪجهہ نہ حاصل وڃايو گهڻو آ.
غمن تي نہ ڪنهنجو ضابطو رهيو آ،
غمن ئي تہ مونکي رُلايو گهڻو آ.
ياد تہ تنهنجي ساڻ هردم رهي ٿي،
پر ڇڪ تہ تنهنجيءَ سِڪايو گهڻو آ.
ڪنهن کي نہ منهنجي پرواه ئي آهي،
ملي سيني مونکي ستايو گهڻو آ.
نہ قرب جي چاه نہ پئسي جي ڪا لوچ،
وقت جي مار ئي تہ مُنجهايو گهڻو آ.
مزو ڪين آهي جڳت لاءِ سوچڻ،
سماجي اُصوُلن ڊِڪايو گهڻو آ.

(٦٥)

لُڙي لُڙڪ آيل لِڪائي نہ سگهيس،
رُسي ويَلُ رانجهل مَنائي نہ سگهيس.

مليل سوُر دل جا اندر ئي رهيا،
ڪيل ڏوه ڪنهنکي ٻُڌائي نہ سگهيس.

سوين خط نياپا سنيها مُڪيائون،
پنهنجن سان ناتا نڀائي نہ سگهيس.

شايد ڪا ڪوت آ منهنجي ئي نينهن ۾،
پريم جي جوت پڻ جڳائي نہ سگهيس.

دل جا در تہ کولي رکيا هئا، ڦَن،
اُميدن جي سيج سجائي نہ سگهيس.

(66)

महिर मालिक जी वसंदी रहे,
जोति आलम में ब॒रंदी रहे।
रिश्तनि जो जोड़ कुझु इएं ठहे,
हर हिक सां सदा सरंदी रही।
खिल ख़ुशीअ में वधनि सभु डी॒हं,
ज़िंदगी मौज में हलंदी रहे।
दोस्तनि जी मिठी नज़र जे हुजे,
मन जी मदाई मिटंदी रहे।
हलु हलां जग॒त जो दस्तूर आ,
भावी नेम सां फिरंदी रहे।
ग़म विसारे कुझु इएं गा॒इजे,
सुर संदी 'मुरली' वज॒ंदी रहे।

(67)

काश हरिको जग॒ जो ख़ैरु घुरे,
मिठ मुहिबत जो शल डी॒ओ ब॒रे।

मज़ो खिली गडि॒जी माणण में आ,
थिए इएं कंहिं खां न केरु डु॒रे।

बि॒यनि जा कड॒हिं बि न सुख गु॒णिजनि,
शुकुर जी भाविना मन में हुरे।

हीणनि खे चाढ़ण जो जज़्बो हुजे,
प्रेम जी गंगा में हरिको तरे।

ख़ुदा जे दर ते हिक ई अरदास,
रबु सभ ते महिर जी नज़र करे।

(٦٦)

مَهرَ مالڪ جي وسندي رهي،
جوتِ عالم ۾ ٻرندي رهي.
رِشتن جو جوڙُ ڪجهه ائين ٿهي،
هرهڪ سان سدا سَرندي رهي.
ڪِلَ خوشيءَ ۾ وڌنِ سڀ ڏينهن،
زندگي موج ۾ هلندي رهي.
دوستن جي مٺي نظر جي هجي،
من جي مدائي مِتندي رهي.
هلُ هلان جڳت جو دَستور آ،
ڀاوي نيم سان ڦرندي رهي.
غم وساري ڪجهه ائين ڳائجي،
سُرَ سَنديِ 'مرلي' وڄندي رهي.

(٦٧)

ڪاش هرڪو جڳ جو خيرُ گهري،
مِٺ مُحبت جو ڇَلَ ڏيئو ٻري.

مزو ڪِلي گڏجي ماڻڻ ۾ آهي،
ٿئي اِئين ڪنهن کان نه ڪير ڏري.

ٻين جا ڪڌهن ٻه نه سُڪَر ڳڻجنِ،
شڪر جي ڀاونا من ۾ ڀري.

هيٺنِ ڪي چاڙهڻ جو جذبو هجي،
پريم جي گنگا ۾ هرڪو تري.

خدا جي دَرَ تي هڪ ئي اَرداس،
رَبُ سَڀ تي مَهرَ جي نظر ڪري.

(٦٨)

سُگھڙ سڀاجھو ٻڻُ،
مِلي تہ سُپنا اُڻُ.

پوکي سڪ جا ٻِجَ،
نينهن سڄڻ سان لُڻُ.

اُڀ جي جهولي مان،
چنڊ ٻانهن ۾ کڻُ.

ساگر منجهہ پيهي،
سُهڻا موتي چُڻُ.

هوا جي جهنڪار منجهہ،
ساز سُريلا سُڻُ.

قُربَ جي سڏ تي مچي،
هيئين ۾ اُڻ تُڻ.

(68)

ुघड़ सबाझो बणु,
मिले त सुपना उणु।

ोखे सिक जा ब्रिज,
ींहुं सजुण सां लुणु।

भ जे झूले मां,
ंडु ब्राहुनि में खणु।

ागर मंझि पेही,
ुहणा मोती चुणु।

वा जी झंकार मंझि,
ाज़ सुरीला सुणु।

र्ब जे सड तेते मचे,
ोअें में उण तुण।

ANCHITA AKS

MURLI GOVIND



ليکڪ جا ڪتاب